اندر جو اظهار




ڊاڪٽر ديال 'آشا'

نیاز مند ادیب سہانا ساتھی چاند ورما صاحب

سے پریم سوغات

دیا کر

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي



مان ڪير جو لکي ڏيان؟
تون ديال ''آشا''!
ڪر ديا هن مسڪين تي.
تنهنجي راڳ ۾ تو ڳائي
اِڪ روح،
جنهنجو آواز آهه آشا!
ٻڌي تنهنجا اکر ماکيءَ کان
مٺا، ٿين دک دور،
ڪليش سڀ وناشا!
وڃين ٿو!
وري موٽ جلدي موٽ!
دل سان توکي ساري:
آهين ڪير؟ پيارا!
منهنجا گهوٽ!
اچي ڏي دکي دلين کي
دلاسو!
ڏيان ڇا توکي،
پايان توکي حليمي هار!
آسيس پئي توتي چمڪي:
اُتار سُتل پارت کي،
ڏيئي نينهن نرمل نهار!
(پونا ٢-١-١٩٦٤)

انڊر جو اظهار



شاعر

ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا 'آشا'

ايم اي، پي ايڇ ڊي، ڊي لٽ

فهرست

شاعر ڊاڪٽر ديال آشا

- ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي 5

1 سائين جي ثنا 15

2 مهربان ڏاڏي 16

3 غزل هرڪو دهل وڄائي 17

4 غزل حياتي گذري 18

5 غزل نفرت جنهنجي نبض ۾ 19

6 غزل هرڪو يار سڏائي. 20

7 غزل ملندو اوس اُهو ئي. 21

8 غزل ڪي ڪي راند رسائڻ 22

9 غزل خدا جو خوف رک 23

10 غزل اسانکي نہ آهي شڪايت 24

11 غزل ٻي جي ليک ڳڻائڻ 25

12 غزل ور ور مون پرچايو 26

13 غزل زندگيءَ جا ملهہ 27

14 غزل دال ٻوڏي 28

16 غزل رازق. 29

17 غزل هرڪو پٽ ورائي. 30

18 غزل ڪي ڪي شائق 31

19 غزل حق وارن 32

20 غزل ڪارو ناٿو. 33

21 غزل اسان داءُ دل جو 34

22 غزل درشتا ٿي ڏسندو 35

23 غزل زماني جي گرودش 36

24 غزل اسانکي نہ آهي. 37

25 غزل ازل کان 38

26 خلق جي خدمت 39

27 غزل جي هيٺائين وات. 40

28 غزل تنهنجو پيار 41

29 غزل ڪنهن سان حال نہ 42

30 تاڪيد. 43

31 غزل ازل کان ناتو 44

32 غزل جڳ ساري 45

33 غزل اسان ڦٽائڻ 46

34 غزل ڇو وساري 47

35 نصيحت نامو 48

36 شهيد هيمون 49

37 محبوب ايندو 50

38 آدشڪتي ديوي ماتاوراٿو 51

39 مان 52

40 دادا جشن واسواڻي 53

41 ڪير 54

Andar jo Izihar
Poetry

By: Dr. Dayal Asha

اندر جو اظهار

ڊاڪٽر ديال 'آشا'

Price Rs. 90

قيمت ٩٠ روپيا

16th December 2012
77th Birthday

١٦ ڊسمبر ٢٠١٢ع

٧٧ جنمدن

Publisher

پرڪاشڪ

D.T.P. :
Shobha Lalchandani
Tel. : 9322510668
Printer:- **Impressions**
212-Allied Ind. Estate.
Mahim, Mumbai-400 016.
M: 9820883807,
Cover & Sketches
Shri Ram Lalchandani
(Artist)

شاعر ڊاڪٽر ديال 'آشا'

- ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي

ڪنهن به دور جي ادب جو جائزو وٺندي ان ڳالهه جو بخوبي علم ٿئي ٿو ته هر دور جو ادب پن نڪتن جي هڪ ٻئي سان ميل جول جو نتيجو آهي. پهريون تهذيبي روايت ۽ ٻيون آهي ادبي روايت. تهذيبي روايتون ۽ اُن جا قدر. هر دور جي معاشري جي جان هوندا آهن: جڏهن ته ادبي روايتون انهن تهذيبي قدرن ۽ سماج جي عمومي حالتن مان جنم وٺن ٿيون: جن کي حاصل ڪندي هڪ اديب يا شاعر پنهنجي تخليقي عمل جي سرانجامي ڏئي ٿو.

سنڌي شاعريءَ جي پرک لاءِ هن ننڍي ڪنڊ جي پوري شاعريءَ جي مزاج سان آشنائي ضروري آهي. شاعريءَ جو فن پنهنجي ڪمال تي پهچي، دقيق ۾ دقيق خيال جو اظهار بلڪل سرل ۽ سپاويڪ زبان ۾ ڪندو آهي: پر اُن زبان جي سلاست، سرلتا ۽ عام فهميءَ جي تهه ۾ فڪر ۽ فن جو اُهو رچاءُ هوندو آهي، جنهن ۾ صدين جي سڳنڌ سميٽجي ايندي آهي. ڪهڙي به وڏي ۾ وڏي شاعر جي هڪ سولي ۾ سولي سٽ تي ڪاڇهه به ڳالهائڻ لاءِ نه فقط اُن دور جي سماج جو جائزو ضروري آهي: نه فقط اُن وقت جي راشٽريه ۽ انتر راشٽريه تعلقات جو اڀياس ضروري آهي: نه فقط شاعر جي داخلي زندگيءَ جي شعوري ارتقا ۽ سندس خارجي زندگيءَ جي اثرپذيريءَ جو اندازو لڳائڻو آهي، پر اُن جي تحت الشعور جي روشنيءَ کي به جاچڻو آهي، جنهن جا پاڇا اُن جي شعور جي پردي تي پوندا رهن ٿا.

هر فنڪار جو پنهنجو ماحول، پنهنجو انداز فڪر ۽ انداز بيان هوندو آهي: جنهن ڪري ئي هوُ انفراديت جي دعويٰ

42 سهڻا 55
43 ميت ملائي 56
44 پتني لاجونتي 57
45 تقاد 58
46 او سنڌيو 59
47 مان خوش آهيان 60
48 ور ور والي آيو 61
49 پريم جو پنڌ 62
50 اچ پريتم 63
51 انمول جيون. 64
52 ساجن ساريان 65
53 تنهنجي تات تنوار 66
54 شيام سندر 67
55 ياد ڪريان 68
56 هر روز 69
57 هڪ سٽا 70
58 ٻہ سٽا 71
59 ٽہ سٽا 78
60 پنهنجا 81
61 گونگو ٿي گذار 82
62 چوسٽا 83
63 دوها 85
64 مونکي جيئڻ ڏيو 87
65 خواب ۾ باپو 91
66 آزاد نظم 95
67 مني ڪويتائون 118
68 جڳت 120

شاعر شري دلگير صاحب :

ڊاڪٽر ديال آشا جي قلم جيترو ڪاجهہ لکيو آهي اوترو مان نہ سمجهان
ٻئي ڪنهن بہ سنڌي اَدب پارت ۾ لکيو هوندو. ڪيترا نہ اِنعام اِڪرام ۽ يونيورسٽي
جون ڊگريون هن وٽ آهن. ان هوندي بہ سنڌيءَ جا ڪي نام نهاد عالم ۽ اَديب پاڻ ک
وڏو ۽ هن کي گهٽ سمجهندا آهن. ديال آشا جي شاعريءَ عام عروض جون ڪي گهـ
وڏايون ضرور آهن پر اُن هوندي بہ مان محسوس ڪريان ٿو تہ هن وٽ شاعر دل آهي
جيڪو آواز دل کي چيري ٻاهر نڪري ٿو. اُن ۾ ئي اَثر ٿيندو آهي. ڊاڪٽر ديال آ
جي شاعري بہ دل جي چيز آهي ۽ نہ دماغ جي ڪوٽ ڪوٽان. ڪاويہ چنن من جو من
۾ هوُ ڀڳت ڪويءَ جي روپ ۾ اُڀري بيٺو آهي. ديال آشا جي دوهن منهنجو خاص ڌي
ڇڪايو آهي. مائرائن ۽ چند جي حساب سان بہ هي دوها لڳ ڀڳ ٺميل ڦمڪيل آه
جيئن سامي صاحب ويدن جي واٽي پنهنجي سلوڪن ۾ سمائي ڇڏي آهي تيئن ڪو
ديال ڪبير، تُلسيءَ جي دوهن جو نچوڙ ملائي سنڌين کي اُن جو سواد وٺائي ٿو
هي دوها ڪويءَ جي سرل سلوڻي ڀاشا ۾ لکيل آهن.

ﭘڪاري ٿو' ڪان شروع ٿيندي 'پشپ پنکڙيون'، 'مهڪندڙ مکڙيون'، 'نئين روشني'، 'تخيل'، 'ڪاويہ چنتن، من جو منٿن' (ﭘڳتي ڪاويہ) ، 'ازل جي اُڃ'، 'احساس جو عڪس'، 'ٻارو اڃو تہ ٻڌايون'، 'ٻڌاءِ ڪوڀ تون ٻڌاءِ'، اڍائي سوءُ صفحات تي مشتمل مجموعي 'پياسي روح' هن جي شعريہ ڪلاش ۾ هڪ تسلسل آهي جو سندس شخصيت جي مختلف روپن کي نروار ڪندي اِهو چٽيءَ طرح واضح ڪري ٿو تہ هن پنهنجي تمام شعر ۾ اجايو خيالي ۽ خوابي ڳالهيون ڪونہ ڪيون آهن؛ پر هوءُ هڪ عميق فڪر جو مالڪ آهي، جو ترتيءَ تان جهالت مٽائي سموري انسان ذات کي حق واري روشني ڏيڻ چاهي ٿو. هوءُ پنهنجي اندرضن اک سان معاشري جا مختلف پهلوءُ جاچيندي هڪ معاشي ماهر جيان اُن ۾ تبديل آڻڻ چاهي ٿو، جتي ڪيترن ئي انسانن کي نہ تحفظ آهي ۽ نہ تسلي؛ نہ اجهو آهي ۽ نہ اَتو:

ڏکيو ٿيو گذر هت مرڻ پيو مهانگو،
ويو لطف نڪري جيئڻ مان جيئڻ جو.

آشا صاحب جي شاعريءَ ۾ هر سٽ ڪان پوءِ ايندڙ جملو ٻين سٽن کي اٽڪنديندڙ پيو معلوم ٿئي، ڄڻ ڪنهن حسين آبشار جو صاف ۽ شفاف پاڻي پنهنجي خوش رفتاريءَ سان روان ۽ دوان هجي. هن تمام اونهي نظر سان فطرت جو مطالعو ڪيو آهي. هوءُ قدرت جو رازدان آهي ۽ جيڪي بہ چوي ٿو سو اصليت تي مبني آهي. هن جي زبان مان هر هڪ ڪلام ڄڻ اُڏمو ڏيئي ٻاهر نڪري ٿو ۽ لفظ خود بخود منظوم ٿيندي شعر جي صورت وٺن ٿا. هن ڪيتري ئي قسم جو شعر چيو آهي؛ غزل، رباعي، وائي، ڪافي، دوها، سورٺا، نظم، آزاد نظم ۽ ٽيڙا وغيره. انهن سورين صنفن کي جيتوٽيڪ چند صفحن ۾ قلمبند ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي، پوءِ بہ موضوع جي لحاظ کان سندس شعر کي هيٺين عنوانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

آتمڪ شعر:

سنڌ جي تمام صوفي شاعرن خودي وڃائڻ ۽ پاڻ سڃاڻڻ جو پرچار ڪيو آهي. قاضي قادن، شاه ڪريم، شاه عنايت، خواجہ

ڪري سگهندو آهي. هر دور جي شاعريءَ ۾ روايتن جو تسلسل به هوندو آهي ته وري ڪجهه نين روايتن جي پيڙهه به پوندي آهي. جن شاعرن، سنڌي شاعريءَ جي دنيا ۾ تبديل آندي ۽ ادبي قدرن جا رُخ موڙيا، جن قومي ۽ فطري لاڙن کي نوان روپ ۽ نوان لفظ ڏنا: انهن چڻ سموري ادبي ماحول ۾ تبديلي آندي آهي. هوئن به ذهني تبديلي، بدلجندڙ ماحول ۽ حالتن جو رد عمل هوندي آهي ۽ هر شاعر اُن جو اظهار مختلف انداز ۾ ڪندو آهي.

ڊاڪٽر ديال 'آشا' اهڙو ئي هڪ منفرد اديب و شاعر آهي، جنهن جو جنم 16 ڊسمبر 1936ع ۾ خيرپور، سنڌ ۾ ٿيو. ابتدائي سنڌي تعليم اُتان جي ئي نازا هاءِ اسڪول مان پنجين درجي تائين حاصل ڪندي 1948ع ۾ ڀارت جي ورهاڱي جو شڪار ٿي، پنهنجي وڏڙن سان هتي اچي سنڌونگر ڪي آباد ڪيو. هن جي شاعرانه ذوق جي ابتدائي سنوار اُتان جي بهترين شاعر پرسرام 'ضيا' جي هٿن ڪان ٿي. شاعرانه چٽڱ ته ڪيس اڳ ئي هئي، هينئر علم عروض ڪان پڻ متعارف ٿيندي لفظن جي بندش، صحيح اُچارڻ ۽ پارسي لفظن ۽ تشبيهن ڪان به واقف ٿيو. جڏهن ته سنسڪرت ۽ هنديءَ سان ڪيس پيدائشي پيار هئو، ان سلسلي ۾ هن ايم.اي. ۽ پي.ايچ. ڊي.ءَ جون اعليٰ ڊگريون به هنديءَ ۾ ئي حاصل ڪيون. هن ٻارين ٻولين ۾ ايتري مهارت حاصل ڪندي به اُن جو پورو فائدو پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ کي ئي ڏنو ۽ پنهنجي هٿن ڪان لکيل گهڻي ۾ گهڻو مواد سنڌيءَ ۾ لکندي سنڌي ساهتيه جا گهڙا ڀريا آهن.

ڊاڪٽر صاحب جي شاعرانه تخليق جو سياءُ پنهنجو آهي. هوءُ ماڻهوءَ جي اندرئين سطح 'Inner Self' کي ڇُهي سگهڻ جي ڏات ۽ ڏانءُ رکي ٿو. هوءُ پنهنجي بنيادي جبلتن: انسان دوستي، حب الوطني، ايشور اُپاسنا ۽ سونهن جي چاهنا سان سڌو سنئون تعلق ۾ اچي ٿو. هن پنهنجي ٻولي، تهذيب، روايتن ۽ ٿرتيءَ جي وڃائجي ويل احساس کي ورائي آندو آهي. هن پنهنجي فڪر ۽ فلسفي سان نه صرف همعصرن، پر ايندڙ نسلن کي پڻ متاثر ڪيو آهي. هن جي خيال ۽ جذبي، هئيت ۽ گهاڙيٽي ۾ ڏاڍي هم آهنگي آهي، جا سندس شاعريءَ ۾ ترنم ۽ موسيقيت پيدا ڪرڻ جو سبب آهي. آشا صاحب جي تصنيفات جو سلسلو 1963ع ۾ ڇپيل 'ديش

۾ اڪيلا قيد آهيون ۽ اڪين جي درزن مان زندگيءَ جي بي مقصد هنگامي کي ڏسي رهيا آهيون. زندگيءَ جي اهڙي رُج ۾ هڪ ستگرو ئي واهرو ٿي سگهي ٿو. جنهن کي سارينديءَ ياد ڪندي نيڻن ايترو تہ نيرُ وهايو آهي جو هينئر لڳي ٿو تہ لُڙڪ بہ ختم ٿيڻ تي آهن ۽ اکڙيون سياري ۾ سڪل ڍنڍن جي ڪناري جيان ڏار ڏار ٿي پيون هجن:

پريتم اجا نہ آئين تنهنجو انتظار آهي
توکي پسڻ لاءِ دلڙي بس بيقرار آهي!

سائين 'آشا' صاحب مادي دنيا جي طالبن کي هيٺين قطار ۾ ڳڻيندي ڪين سچي محبت کان وانجهيل سڏي ٿو. بره جي باهہ ۾ اڪين مان وهندڙ هڪ هڪ لڙڪ پنهنجي سچي محبوب جو تصور پاڻ سان گڏ ڪنيون اچي ٿو. اهڙي پيڙا ۾ جيتوڻيڪ 'آشا' صاحب جا گيت بي خوديءَ ۾ چيل آهن، پوءِ بہ انهن ۾ ڪيترين ئي شاعرانہ صنعتن: تشبيہ ۽ استعاري وغيره جو بهترين امتزاج آهي:

غم جا بادل ڇانئيا من ۾، وره جي وڄ چمڪي چوڌاري
وسي اکڙين مان برسات، ڪير هڏي منهنجي بات.

ٻال گيت:

ڊاڪٽر ديال 'آشا' ٻارڙن سان بي پناه پيار ڪندڙ شخص آهي. هن پنهنجي شاگردانہ دور ۾ ئي معصوم ٻارن سان حب ڏيکاريندي 'مهڪندڙ مکڙيون' گيتن جو مجموعو ظاهر ڪيو هئو. ڪجهہ ئي سال اڳ ڪلر آفسيٽ تي ڇپايل سندس ٻال گيتن جي مجموعي 'ٻارو اچو تہ ڳايون' تي 'NCERT' (نيشنل ڪائونسل فار ايڊيوڪيشنل ريسرچائنڊ ٽريننگ) طرفان ڪيس اعزاز سان نوازيو ويو هئو. هوُ ڌرتيءَ تي رهندڙ هر ٻار کي پنهنجو ڪري سمجهي ٿو. لاءِ هن جي نيڻن ۾ ان نئين نسل لاءِ ڪيترا سپنا آباد آهن. هن جو اِهو وشواس آهي تہ اسين هن ڌرتيءَ کي الوداع ڪنداسين؛ پوءِ بہ ان خوشحال نسل جي خوشين ۾ جيئنداسين، جن جي ٽهڪڙن ۾ اسان جا ڏک پڙاڏبا ۽ جن جي مرڪ مان اسان جا لڙڪ لينا پائيندا.

ڊاڪٽر صاحب، ٻارن کي زندگيءَ جي حقيقت سمجهائڻ لاءِ پاڻ

محمد زمان، شاه، سچل ۽ سامي وغيره شاعرن پنهنجي ڪلام دوارا
بغض، ساڙ، نفاق، نفرت، ڪيني ۽ تعصب کي انتهائي بدتر ڄاڻيند
ڪيس ننديو آهي. انهن عارفن جو آواز سموري انسان ذات لاءِ هڪ
پيغام آهي، زندگيءَ جو فلسفو آهي: دائمي ۽ روز آخر ثائين رهند
پيغام.

اڄ جي دور ۾ ودوان ۽ سنت صفت شخص، ڊاڪٽر ديال 'آش
بہ ڪجھہ اهڙي ئي قسم جو پيغام دُهرائي رهيو آهي. انسا
پنهنجو پاڻ ۾ ڇا آهي: تنهن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ! ڪنهن ب
مذهب جي ظاهري پهلوئن کي ڇڏي اُن جي معنوي اصولن جي پيرو
ڪرڻ ئي تصوف ۽ ويدانت جو پهريون پيغام آهي. 'مان' ۽ 'تون
جي ديوار هڪ فريب ۽ دوکي کانسواءِ ٻيو ڪجھہ بہ نہ آهي. هٺراد
وڏائي ۽ انڌ جا نامنهاد پردا اوچتو ئي اوچتو ڊهي پٽ پون ت
جهل کي متائڻ سان من ۾ معرفت جي مشعال ٻري ٿي: ڪايا ج
آئينو ٽٽي ٿو ۽ پرينءَ کي پاڻ ۾ ئي پسائجي ٿو. اندر مان ٻيائي
جي ڪٽ ڪوري ڪيون ۽ دل جا طاق کوليون تہ پرين پاڻ ۾ ئ
نظر ايندو. ڊاڪٽر ديال 'آشا' اُن هيڪڙائيءَ جو ورنن اِجهو هيئ
ڪيو آهي:

ڪنهن کي ڪين رنجاءِ تون، سڀ ۾ آهي رام
لوڪن کي ڏي پيار تون، تن ۾ آ گهنشيام.

ورهي ڪلام:

ڊاڪٽر ديال 'آشا' پنهنجي شعر ۾ انساني زندگيءَ جي سچ
عڪاسي ڪندي وره جي وڍ ۽ جدائيءَ جي درد کي پڻ پنهنجي ڪ
جو موضوع بڻايو آهي. هن عاشق، مجاز کان متيرو رهي پنهنجي ستگ
جي وصال لاءِ پنهنجي هاڏيو آهي. 'پياسي روح' جو گهٽي ۾ گهٽو حصو
ئي وشيہ تي آڌارت آهي. روح جڏهن ازل کان اُڇايل ۽ تتل واري ٻيو لڳ
جنهن تي ڪڏهن بہ جُهڙيالي ڪونہ ٿي هجي. ڪڏهن بہ بوندون
پيون هجن. شاه ڀٽائيءَ اُن تنور وانگر تتل تن لاءِ چيو هئو 'ڇنبي س
ڇهاءِ.' هتي تہ ڪربناڪ حالت آهي: ڇنبو تہ ڇا، پر وڏ ڦڙي
وسڪارو بہ ڪا ٿڌاڻ نٿو پهچائي! اسين پنهنجي وجود جي ڪو

جو ڀڳتو آهن. اُنهن کي توڙي اسين روشني اُجاگر ڪنداسين. هوءَ زندگيءَ جي عارضيت ياد ڏياريندي سمورن هم وطنين کي صلاح ٿو ڏئي:

وطن صدقي مٺا جيڪي، متي تن جي سڀاڳي آ،
نه آيا قوم جي ڪم جي، متي تن جي اَڀاڳي آ!

ڊاڪٽر صاحب وشال درشٽي ڌاريندي ملڪ ۽ قوم لاءِ دعاگو رهندي به پنهنجي سنڌيپڻي کي ڪونه ٿو وساري. هوءَ ياد رکي ٿو ته گل نما الڳ الڳ جاتين جو قومي گلدستو تڏهن ئي رونق افروز ٿي سگهندو ۽ سرهاڻ بخشيندو، جڏهن هر جاتيءَ کي هڪ جيترا حق ۽ انصاف پلئه پوندو. جڏهن به ڪٿي ڪنهن سنڌيءَ سان، سنڌي هئڻ جي ناتي ڪو ستم ۽ نا انصافي ڪئي ويئي آهي ته اُهو ڏک پهرين 'آشا' صاحب پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو آهي. هن جي اکين مان اُهو درد، لڙڪ بڻجي بي اختيار وهي ڇڙيو آهي ۽ هن چئي ڏنو آهي:

ورهاڱي جو لڳو اهڙو واءُ
جو پنهنجي وطن کان اُکڙجي
هت هند ۾ آياسين
پنهنجي ننگن جي
عصمت ۽ عزت بچائڻ لاءِ
ڌرم جي رکشا لاءِ..

پنهنجي عقل اورچائيءَ سان وڌيا آهيون!
تڏهن به هتان وارن جي نظرن ۾ ٿي پيا آهيون!
اسان جا اڏيل آشيانا ۽ مال جلايو ٿو وڃي!
وڙهن سان لتاڙجن پوڙا
اسان ڪهڙو قصور ڪيو آهي؟
جو بي رحميءَ سان ستايو ٿو وڃي.

کي بہ اُنهن جي سطح تي کٽي اچي ٿو ۽ ٻالهين ئي ٻالهين ۾ ٻارڙن
کي ڪيڏي نہ چاڻ سان روشناس ڪرائي ٿو! هن ٻاجليءَ جي اهميت
سمجهائڻ لاءِ ڪيڏي نہ سرل ڀاشا جو استعمال ڪيو آهي:

رات کي مان ٿي ڏينهن ٻڻايان،
اونده ساري آءٌ مٽايان،
مون بن بند ملپون ڪارخانا،
مان روح سيني جي آهيان.

قومي شعر:

جڏهن جڏهن بہ اسان جي قوم ۽ ملڪ لاءِ امتحان جون
گهڙيون آيون آهن تہ اسان جا اديب ۽ شاعر ڪڏهن بہ پٺتي نہ رهيا
آهن. سائين ديال 'آشا' بہ سمورن هم وطنين کي سڏڙا ڪندي چوي
ٿو، تہ اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو! اي منهنجي ڌرتيءَ ج
سرفروش انسانو! ترقي پسند اديبو! ڀارت ماتا جا سپوتو! اوها
پنهنجي هر عمل ۾ انساني عظمت جو پرچم بلند رکندا اچو
1962ع ۾ جڏهن چين طرفان اوچتو ئي اوچتو اسان جي ديش تي
حملو ٿيو تہ سرحدن جي حفاظت ڪندڙ بهادر سپاهين سان گڏ اسا
جي اديبن بہ اُن للڪار جو جواب پنهنجي زبان ۽ قلم سان ڏنو
'آشا' اُن گهڙيءَ بہ اسان جي جانباز سپاهين ۾ همت ۽ نئون رو
ڦوڪڻ لاءِ 'ديش پڪاري ٿو' ڪوتا سنگره، نذرانہ عقيدت طور پيش
ڪيو:

راهي اڳتي قدم وڌاءِ، پٺتي پير نہ پاءِ،
ڪر خيال نہ اُچ جو، ڏينهن رات جو منجهد جو،
سَهُ سِرَ تي سردي گرمي، سيني ۾ ڌار جذبو،
هن زندگيءَ جو ٻيڙو، مانجهي ٿي تون هلاءِ،
راهي اڳتي قدم وڌاءِ!

'آشا' صاحب جو وشواس آهي تہ اسين هِن ڪاري رات ک
پاسيرو ڪري نہ ٿا سگهون: پوءِ بہ اُهي گهڙيون جي خوف ۽ هر

مذڪوره شعر ڪان سواءِ 'آشا' جو صاحب ٻيو به گهڻو ئي ڪلام چيل آهي. هن پنهنجي ڪيترين ڪلام ۾ آفيسر شاهيءَ تي کليو کلايو طنز پڻ ڪئي آهي.

سڀاجهو ۽ سادگي پسند، حليم ۽ نهٺو ديال 'آشا' هميشه ئي چپن اندر مشڪندو نظر ايندو آهي. ايشور ۾ ستگر ۾ زبردست وشواس. چانديرام ٻائي ڪاليج، الهاسنگر مان پرنسپال جي عهدي تان 31 ڊسمبر 1996ع تي رٽائر ڪرڻ کانپوءِ سندس مئنيجمينٽ، حيدرآباد سنڌ نيشنل ڪاليجئيٽ بورڊ کيس 'پروفيسر ايمريٽس' ڪري مقرر ڪيو ته جيئن هُو بورڊ جي سمورن ڪاليجن توڙي ٻوري ٻارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو ڦهلاءُ ڪري سگهي. رٽائرمينٽ کانپوءِ ڪنهن به سنڌيءَ کي اهڙو عهدو ملڻ اسان جي تاريخ ۾ پهريون ئي مثال آهي!

ديال 'آشا' هر شخص: ننڍي وڏي، امير غريب: سڀ جو احترام ڪندڙ آهي. زندگيءَ جي تلخ تجربن ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي غلط لفظ به ڳالهايو يا اهو ساڻس نامناسب به هليو ته هيءُ خدا ترس انسان فطرتا ڪاجهه گهڙيون اُن جو احساس پل قبول ڪندو: پر موٽ ۾ پاڻ ڪڏهن به بدلو ڪونه وٺندو:

متل آهي موقعه پرستن جي ٻيگهي،
ڪاجي ڪاروان کي پلائڻ جو سعيو!

سنڌين جي ڪهاوت 'ادائي گهرن جو خير' ان مقولي جي ٻوئواري ڪندڙ ديال 'آشا'، نه صرف سنڌن مهاتمائن جي صحبت ماڻي پر اُنهن مان فيض پڻ پاتو اٿائين! ادب جي بهترين حاصلات به اِها آهي ته هر انسان، ٻين تمام ماڻهن سان انسانن واري هلت هلي. 'آشا' جو ڪلام ايندڙ روشن مستقبل جو پيش خيمو آهي: جڏهن سڀ انسان گڏجي آزاد فضا ۾ ساه کڻي سگهندا. ڪوبه انگ اُگهاڙو ۽ پيٽ بکيو نه هوندو. اهڙي ڪائنات جي تشڪيل ڪئي ويندي جنهن ۾ ڪو به ڏک باقي نه هوندو:

هِتان وارن کان اسان جي قرباني وڌ آ!
ڀارت ۾ جنهن کي نٺيي سنڌ ٿا سڏين
اُن سنڌين جي بستيءَ ۾
سنڌين کي بي رحميءَ سان ماريو ٿو وڃي!
افسوس! هت به اسان جي حفاظت نه رهي
نو ورنين جا سهاڳ پيا لٽين
هي ڇا شواجي مهاراج جي سنتان آهن!

آشاوادي ڪلام:

جيفرسن جو چوڻ آهي ته ''سچ هڪ انسان جي اقليت ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ سچو انسان ۽ اُن جي جرئت اڪثريت جي برابر آهي.'' آرٽ ۽ ادب ۾ به سٽيه ۽ اُن جي پوشيه جو مبهم تصور اُڀري ٿو. جيتوڻيڪ فنڪار جي نظر ڌرتيءَ جو سينو چيري اڳ ۾ ئي ڏسي وٺي ٿي ته ڪهڙو سلو ساماڻجي رنگ ۽ خوشبوءِ جو مظهر ٿيندو ۽ ڪهڙو سلو فقط ڪانڊيرا ڦهلائيندو. ٽالسٽاءِ. روسو. والٽيئر. گورڪي ۽ ڪيترن ئي ٻين مفڪرن ان سٽيه جي هڪار پهرين پنهنجي هنئين ۾ محسوس ڪئي ۽ اُنهن جي دور واري معاشري اُن جي شگفتگي ڪيترو ئي وقت پوءِ ڏٺي.

زندگي نه فقط اُميد تي قائم آهي پر هڪ سچي فنڪار جو سمورو وجود ئي اُميد سان جُڙيل رهي ٿو. اِها اُميد ته ڪاريهر جهڙي ڪاري رسي ڪٽي ته ڪتندي ۽ پريءَ جي پايل نيٺ ته ڇم ڇم ڪندي اسان تائين پهچندي. وڪاس جي وهڪري کي ڪير به روڪي ڪونه سگهيو آهي: جو هڪ گونجندڙ ۽ گرجندڙ سمنڊ وانگر ڪيئي پهاڙ. پاڙ کان پٽي ڦٽو ڪندو آهي. تاريخ کي ڪا به رُڪاوٽ. ڪا به بندش ۽ ڪو به تشدد روڪي نه سگهيو آهي. سائينءَ وٽ دير آهي پر انڌير نه آهي. اُن جي ديڳ جڏهن به ٽپندي آهي ته هر سماج-دشمن جو ذرو ذرو ڪاڙهي ڇڏيندي آهي:

هر شفق تي ڏس تون 'آشا' انقلاب جو شنگرف
چهرا هاڻي گم ٿي ويندا ملندو توکي نياءُ.



سائينءَ جي ثنا

محبت جو آهين مرڪز محبوب ماهتاب،
چوڏاري نور تنهنجو آهي سنڌءِ شباب.

(١) جلوو جمال جانب جت ڪٿ تنهنجو پسان،
تنهنجي ئي نور سان آ روشن تہ آفتاب.

(٢) محدود آهي ماڻهو آهين تون لامحدود،
بي انتها تون آهين، آهين تون لاجواب!

(٣) تنهنجي رضا سان رازق چرخو چلي جهان،
ڪولي ڪي ڪڻ، هاٿيءَ کي من، ليلا آ بي حساب!

(۴) ڏنڊين آڳريون ڏي "آشا" ڏسي ڪرشما تنهنجا،
تنهنجي راز کي سلي جو اهڙو نہ ڪو ڪتاب!

كين عداوت 'آشا' ڪنهن سان
مان پريم جي جوت جڳايان ٿو
مان سڀ سان نينهن نڀايان ٿو.

هن جي سموري ڪلام توڙي سندس سُڀاءَ جي اِها نوڙت ئي
هن جي انفرادي شخصيت جو ثبوت آهي!

ناصحانہ ڪلام

ڊاڪٽر ديال 'آشا' ترتيءَ جي سيني تي اڱيان وتندي ڪهڙي
بہ پل ۾ ڪهڙي بہ گهڙيءَ اَنا (Ego) جو شڪار نٿو ٿئي، پر ان ڪان
دامن بچائيندي پاڻ ٻين کي بہ سنئين واٽ وٺڻ جي تلقين ڪري ٿو:

نفرت جنهن جي نبض ۾ آهي سو آهي شيطان
محبت جنهن جي من ۾ آهي سو آهي انسان!

وڪارن جي لهرن چڱي ڀلي وريام کي بہ لوڙهيو ڇڏي
تڏهن زندگيءَ جي هن طوفان ۾ پنهنجو پاڻ بچائڻ سولو ناهي: ڪ
بہ شيءِ اسٿر ناهي: نہ عزت نہ شهرت، نہ پيسو نہ طاقت: وقت
ايندو تہ سڀ ڪجهہ پل ۾ پاٽي ٿي ويندو: تڏهن ڊاڪٽر صاحب
چتاءُ ٿو ڏئي:

اهڙو لڳو آ واءُ چوڏاري پنهنجا پنهنجن کان ڪٽجي ويا،
پاڙون پختيون جن جون هيون، سي وڻ پاڙون پٽجي ويا!

اهڙي گهڙي هڪ ستگروءَ جي مهر ئي سالڪ کي منزل ت
پهچائي سگهي ٿي:

ڏسي ڏک ڏولاوا ڏکي ڏيل 'آشا'،
ڪري مهر مرشد تتل هردو ٺاريو!

غزل

هرڪو پنهنجو دهل وڄائي،
پاڻ نچي ۽ پاڻ ئي ڳائي!

(۱) هرڪو پنهنجو پيٽ ڀري ٿو،
ڀين جو ڀلو ٿو ڪوڪو چاهي

(۲) ٻي جي پڳ لاهڻ آ سولي،
پنهنجي پڳ ڪو ڏسي ڪو نہ لاهي!

(۳)ڪيڏو آهہ انڌير هتي!
ڪانوَ بہ پاڻ کي هنس سڏائي!

(۴) عاقل عالم هوندي ڀي ڪئين،
جيري خاطر ٻڪري کهائي!

(۵) ڪکڙين جي آ ويڙهہ هتي،
ٿو هرڪو پنهنجو داءُ لڳائي!

(٦) پيٽ جي ڀڳتي ديش جي ڀڳتي،
پاڻ کي ٿو اڳوان سڏائي!

(۷) ڪتن وانگر وڙهي هڏيءَ لئہ،
لوڪن ۾ ٿو تياڳي چوائي!

(۸) شڪنيءَ وانگر ڪن ڀري ڪو،
رت کي رت سان ٿو ويڙهائي!

(۹) هرڪو پنهنجيءَ ۾ آ پورو
ٻي کي ٻڌڻ جي فرصت ناهي!

(۱۰) ٻهروپيءَ کان ڪر '' آشا ''پاسو،
سانڀي وانگر ٿو رنگ بدلائي!



مهربان ڏاڏي

ڪيڏو آهين تون مهربان ڏاڏي!
تنهنجا ڪيڏا آهن احسان ڏاڏي.

(۱) مان سائل سوالي تنهنجي در،
ڪر رحمت تون رحمان ڏاڏي!

(۲) وچ سير مان تون ئي بچائيندين،
منهنجي ڪشتيءَ جا ڪشتيبان ڏاڏي!

(۳) جيڪي آهيان تنهنجي عنايت آ،
ڪيئن ڪيڏو رتبو شان ڏاڏي!

(۴) ڪئي راهه روشن ڪامل مرشد،
وڃان تنهن تان مان قربان ڏاڏي!

(۵) سدا سائين ثنا تنهنجي ڳايان ٿو،
تو جهڙو نه ٻيو ڪو دياوان ڏاڏي!

(٦) آهين خاوند تون، خادم آهيان،
'آشا' تنهنجي در دربان ڏاڏي!



نفرت جنهنجي نبض ۾ آهي سو آهي شيطان،
محبت جنهنجي من ۾ آهي، سو آهي انسان!

پکي پرندا پيٽ ڀرڻ لئه کن هڪ ٻي کي سڏڙا،
ونڊي ورهائي جيڪو نه کائي سو آهي حيوان!

مالڪ جي سڀ ملڪيت ڄاڻي ڪري تو جو خيرات،
پاڻ نه کائي ٻين کي کارائي سو آهي ڀڳوان.

ميڙي ميڙي موذي مري ويا! ڪاٺي ڪوڏي ڪين کڻي ويا!
اها به جنهن کي سمجھه نه آهي سو آهي نادان!

ڪڏندا ڪڏندا ڪونڌر آيا سرحد جي ميدان،
سڦلي ڪئي ڪُک امڙ جي تن، جڳ ۾ تن جو شان!

حاضر ناظر ڏٺي ڏسي ٿو سيني جا اعمال،
'آشا' خوف خدا جو رک هردم، قائم رک ايمان.

غزل

حياتي وئي گهٽي گذري ڇڏيون تڪرار جون ڳالهيون،
ڇڏي ڪلفت ڪيون هاڻي مٺيون ڪي پيار جون ڳالهيون

١. وساري ورق ماضيءَ جا ڪريون منٺار جون ڳالهيون،
عنايت رب جي ڪيڏي آ! ڪريون داتار جون ڳالهيون.

٢. دنيا مان ڪين ڪجھ ونبو، ڇڏيون وهنوار جون ڳالهيون،
گلن سان پنهنجو دامن پر ڇڏي ڏي خار جون ڳالهيون.

٣. ڇڏي چنتا ڪريون چنتن، ڪريون ڪرتار جون ڳالهيون،
ڪري ڪنبو جو سوريءَ مان، ڪريون تنهن غمٽار جون ڳالهيون.

٤. اکهي 'انجلي' لڙڪ منهنجا، ڪري دلدار جون ڳالهيون،
نه وسرن ٿيون ڪيون مرشد، پرينءَ جي پيار جون ڳالهيون.

٥. طلب 'آشا' ڏٺيءَ جي رک، ڇڏي سنسار جون ڳالهيون،
سچو سائين صرف هڪڙو، ڪريون تنهن يار جون ڳالهيون.

غزل



ملندو اوس اُهو ئي قسمت ۾ جو رليو آ،
مان خوش نصيب آهيان سڀ ڪجهه مونکي مليو آ!

١. ترقيءَ جي شاهه راهه تي سڀ ڪي ڏسي ٿيان خوش،
منهنجي هيڏي شهرت حاسد ڇو جليو آ!

٢. مان خير خواهه سڀ جو گُهران خير ٿو خدا کان
ڪريان خلق جي ٿو خدمت خدا خلق ۾ مليو آ،

٣. رب جي ڪيڏي آ رحمت، مرشد جي مهر ڪيڏي!
لاهيون ۽ چاڙهيون ڏسندي هي قافلو هليو آ،

٤. 'آشا' سندي هُٽڙي مان هڪ ساڻ مون سان آهي،
رب جو آ راز هي ڪنهن سان نه مون سليو آ!




ائين تہ هرڪو يار سڏائي،
يار اُهو جو توڙ نڀائي.

(۱) مٺيون ڇُريوڪي زخمي ڪن ٿيون،
اهڙن کان شل خدا بچائي!



(۲) ٻيڙيءَ چاڙهي ڪين جنَي ٻوڙهو،
اهڙن تي اعتبار نہ آهي!

(۳) ڪم پوي ڪل پوي يار جي،
ٿو ساندي وانگر رنگ بدلائي.



(۴) يار جي صدقي سر جي سٽ ڏي،
سوئي پاڻ کي يار چوائي.

(۵) يار ڏسي جو سرهو ٿئي ٿو،
سوئي دلبر دوست سڏائي.



(٦) يار جي ياراڻي صدقي هوُ،
غم کائي، پر ڪين ڪٽائي.

(۷) صدقي صدقي سوين وڃن ٿا،
پر وڃن مهل تي منهن نہ مٽائي!

(۸) ڪي ڪم پرين، ڪي چم پرين
پر 'آشا' سڀ کي گلي لڳائي.

خوف

خدا جو خوف رک پيارا، نہ ڪنهنکي ٻيي رنجائج تون،
وسي والي سين ۾ تو نہ ڪنهن کي ٻيي ستائج تون.

١. عدوءَ سان ٻيي تون اُلفت ڪر، تون مٽني سان محبت ڪر،
ڪيي ڪينو قلب مان تون گلي سڀ کي لڳائج تون.

٢. لکين شڪرانا مالڪ جا، لهي پرگهور پرور تو،
ڏٺيءَ توکي نوازيو آ، ثنا سائينءَ جي ڳائج تون.

٣. ڏکايو ڏيهہ کي جن تي مٽيءَ ۾ سي مٽي تي ويا!
سدا ڏاتر کان ڏکنو رهہ، نہ ڪنهن کي ٻيي ڏکائج تون.

٤. اللہ جي در توبہ زاري، سدا سالڪ نيزاري ڪر،
بلندي چاهين جي 'آشا' ڀرين هستي مٽائج تون.

غزل

کي کي راند رسائڻ وارا،
کي کي راند ڦٽائڻ وارا!

١. کي تا کير ۾ لوڻ وجهن،
کي کي کنڊ ملائڻ وارا.

٢. کي چوچي ڏئي تا باهہ لڳائن،
کي دويش جي باهہ وسائڻ وارا.


٣. کي خاندان جو نالو ٻوڙين،
کي کي جوت جڳائڻ وارا.

٤. دوستي جي سڀ هام هڻن تا!
پر کي کي يار نڀائڻ وارا!

٥. رلي ملي هلڻو آ سڀ سان،
اسين گيت پيار جا ڳائڻ وارا!

٦. ڏاهڻ وارا گهٽا ملن تا،
کي کي 'آشا' ٿاهڻ وارا!

غزل



ٻي جي ليک گھٽائڻ بدران تون پنھنجي ليک وڌاءِ،
وير وروڌ مان ڪجھہَ بہ نہ ورندو ٿي سياڻو تون ساڃاھہ!


(۱) ڪڏهن ڪو ڏُڻ ملن ڪجھہ بہ نہ ورندو ڪارج تنھنجو ڪين ڪي سرندو!
وڏ وويڪ جا توکي پوندا، ناحق پنھنجي ننڊ نہ ڦٽاءِ!

(۲) ماکيءَ جي ماناري سان پلي پلائي ڇيڙ نہ ڪر تون،
خير گھرين جي پنھنجي سر جو سُتل شينھن کي ڪين جڳاءِ!

(۳) پٺيان پُٺيءَ ۾ ڇرا هڻي ڇو، ميان مٺو سڏائين ٿو!
ٻي جي ڪلھي تي ڪين چڙھي تون پنھنجي بندوق هلاءِ!

(۴) جيڪي سودو جنھن وٽ هوندو سو ئي ڏيندو سوئي ڏيندو،
سڪي ٽيڻ جي چاهين 'آشا' تون ٻين کي سک پھچاءِ!

غزل



اسانکي نہ آهي ڪنهن لئہ شڪايت،
ڪيو رنج جن آ. هاڻ خوش سلامت!

١) عمر جن وڃائي ڪندي عيب جوئي،
سڳورو ڏٺي شل ڏئي تن شناخت.

٢) اسين خير خواهہ سدائين سين جا،
تڏهن ڀي ڪي ڪن ٿا اسان سان عداوت،

٣) جيڪو سودو جنهن وٽ وکر سوئي ڏيندو.
اسانجي عمل مان ٿي ظاهر لياقت.

۴) نڪي آهيون ماهر تونگر شاعر،
اسانجي شعر ۾ فصاحت سلامت.

٥) ڀلجي ڪک ڪري ڪين انسان ڀيٽو،
سندس حال هيٺو ڏٺيءَ جي آ طاقت.


٦) دنيا جي درياهہ ۾ آهن ڪيڏا ڪچ مڇ!
بنا فضل مالڪ بندي جي نہ حاجت!

٧) ڪري ڪين سگهندا ونگو وار ڪڏهين.
اسان تي الله جي سدائين آ رحمت.

٨) اسان رنگ دنيا جا ڪيئي ڏٺاسين.
ڏٺيءَ جي وصل جي صرف هاڻ چاهت.

٩) مليا اهڙا ڪامل مرشد اسانکي،
''آشا'' جن جي آهي اسان تي عنايت.

غزل



زندگيءَ جا ملهه بدلجي ويا!
پرک ڪن جي پارکو، ڏهجي ويا!

(١) اهڙو لڳو آ واءُ چوڌاري،
پنهنجا پنهنجن کان ڪٽجي ويا!

(٢) پاڙون پختيون جن جون هنيون،
سي وڻ پاڙون پٽجي ويا!

(٣) اياڻن اڳيان روئڻ اجايو،
حال محرم به مٽجي ويا!

(٤) جن جو سچ لهڻ جو ڪين هو،
حاڪم سي زمين ۾ لٽجي ويا!

(٥) ڪڪرن سچ کي گهٽو لڪايو،
هاڻ 'آشا' سي هٽجي ويا!.

غزل

ور ور مون توکي پرچايو،
پر ڪين ڪڏهن تو سرچايو.

۱. تو ڏوراپا ۽ سهما ڏنا،
پر مون نہ ڪڏهن ٻي ورجايو.


۲. گل جهڙي آ نازڪ دل،
ڇو پٿر مون ڏانهن اُڇلايو!

۳. وات ڪائي ۽ اک لڄائي،
تڏهن ٻي توکي شرم نہ آيو!

۴. اهم وڏي ويو ايڏو تنهنجو،
منهنجو تو احسان ڀلايو!


۵. خود غرضيءَ جي ڪيپ ۾ آهين،
'آشا' شرم ٻوئيءَ جيان شرمايو!

رازق



تنهنجي رضا تي رازق راضي رهان سدائين
احسان تنهنجا ڪيڏا ! لاهي سگهان نہ سائين.
ڪيڏي تنهنجي سخاوت، ڪيڏي تنهنجي عنايت!
وڙ ڪيڏا تنهنجا والي ڪيڏا ڀال ٿو ڀلائين!
آهيان ڪين ڪي مان لائق سڀ تنهنجي لائقي آ،
ڪيڏو شان رتبو ڪيو ٿي، ننگي ننگ ٿو نڀائين.
اهو جهن ڪي تون اڏين ٿو، اياڻين کي ڪرين سياڻو،
نوريءَ جهڙين کي سائين پٽ راڻي تون بڻائين.
جنهن تي تنهنجي نوازش ونگو وار ڪين ٿيندو،
اونهو عميق آهي، 'آشا' پار تون پهچائين.

غزل



دال ڍوڍي تي راضي آهيون،
ڪاڻ نہ ڪنهنجي ڪيڻ ٿا چاهيون.

۱.رب جي آهي ڪيڏي رحمت
رحمت جي اسين لائق ناهيون.

۲.عضوا سالم صحت ڏنائين،
لک احسان ٿا تنهن جا ڀانيون.

۳.ماڻهو هيٺو ڪري ڪک نہ ڀيٽو
رٿيون رٿڻ سڀ آهن اجايون.

۴.غيرت نفرت ڪيي اندر مان،
محبت جا ٿا نغما ڳايون.

۵.اُٺندو اُها جا ڪوريءَ من ۾،
ٿاهہ اجايا چو ٿا ٿاهيون!

۶.دم تي ڪو بہ ڀروسو ناهي،
ناحق 'آشا' ٻوڙون پايون!

ڪي ڪي منهنجا شائق آهن.
ڪي ڪي منهنجا گيت ٻڌائن!

(۱) ڪن کي نالي ڪان پئي نفرت،
ڪي ڪي داد ڏئي ٿا چاهن!

(۲) ڪي ڪي آهن شڪنيءَ جهڙا،
رت کي رت سان ٿا ويڙاهن!

(۳) ڪي ڪي بد نيت آهن ماڻهو،
چوچي هٿي ٿا باهه لڳائن!

(۴) ڪي ڪي ڦتن تي لوڻ ٿا ٻُرڪن.
پر دائم ٿا ڪي ملم لڳائن!

(۵) ڪڏهن نه وجهه هٿ نانگن ہر ۾،
پاڻ ڏنگين ۽ ٻين کان ڏنگائن!

(٦) ڪي وجهي ڦيٽارو ڏسن تماشو،
ڪي ڪي ڪير ۾ کنڊ ملائن!

(۷) نردوشن سان ناحق ڪيڏو!
ڪي رشوت کائي چور ڇڏائن!

(۸) خوف خُدا جو 'آشا' ڪونهي،
ڪي ڏينهن ڏئي جو مال ڦٻائن!

غزل



هرڪو پنهنجي پٽ تہ ورائي،
پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي.

(۱) ووٽ جي چهنبي ڪين پوي ٿي،
هرڪو ويڄهن ڪي ورسائي!


(۲) موقعي پرستن جي پيگهي متي آ،
دل بدلو ٿو دل بدلائي!

(۳) ديش جي دولت ڪيئن نہ لٽائين!
تن جي اکين ۾ شرم نہ آهي!

(۴) حقدارن جا حق ٿا مارن،
ڏي وٽ جي هِت ياڇي آهي!

(۵) هر کيتر ۾ 'آشا' سياست،
دائيءَ کان ٻچهو پيٽ تہ ناهي!

غزل




كارو ناڻو كين لكايو!
ديش جي پونجي كين ڦٻايو!

١) كيڏي غريبي، كي فاقہ كيا تا!
لڙڪ اُکھي، تن کي کارايو.

٢) رُڪ جا چٽا هضم نہ ٿيندا،
ناحق پنھنجي ننڊ نہ ڦٽايو!

٣) سُڪرت ۾ كيو سڦلي مايا،
دولت عيشن ۾ نہ اُڏايو!

٤) كين امانت ۾ كيو خيانت،
'آشا' ولهن سان ونڊيو ورهايو!



غزل

حق وارن جا حق ٿا ماريو،
پنهنجي اندر ڪجهه ته ويچاريو.

(١) سياڻا سمجهو عاقل آهيو،
وٽ وويڪ جي اندر ۾ هاريو!

(٢) وني اوهانجي سهڻي سڀاجهي،
پوءِ به ٻي ڏي ڇو ٿا نهاريو!


(٣) ساڳي ٿالهي ۾ گڏ کائي،
ٽُنگ نه ڪيو جن سان گڏ گهاريو!

(٤) بزدل بازي ڪڏهن نه کٽندو،
همٿ رکي اوهان ڏونگر ڏاريو.

٥) ونجهه اوهانجي هٿ ۾ آهي،
پوءِ ٻيڙي ٻوڙيو يا ٻيڙي تاريو!

(٦) ماءُ جي لوليءَ واري ٻولي،
ڪڏهن نه 'آشا' سنڌي وساريو!

مان



درشتا تي مان ڏسندو آهيان،
ڪڏهن نہ ڪنهنکي چوندو آهيان.

١) نانگ جي ٻر ۾ هٿ نا وجهجي،
سچ چوڻ کان ڏهندو آهيان.

٢) ٻين جي پيڙا پنهنجي سمجهي،
گيت غزل مان لکندو آهيان.

٣) گل کان وڌ نازڪ دل منهنجي،
تہ بہ پٿر مان سهندو آهيان.

٤) جيڪو سهندو سوئي لهندو،
چوڻيءَ موجب هلندو آهيان.

٥) دنيا جي هن ڦلواڙيءَ ۾،
مان سک درسي تي رهندو آهيان.

٦) جيڪي منهنجي روح جا راڻا،
تن لئہ 'آشا' سڪندو آهيان.

غزل



اسان داغ دل جو پڙ ۾ لڳايو،
اسان ناتو نينهن جو سين سان نباهيو.

١.ڪي مشڪي ڳالهائن اندر ۾ ڇريون پر،
تڏهن بہ اسان ڪين تن سان ڦٽايو!

٢.عداوت حسد وس ڪري ڇا ڇا تہ ماٺهو!
اسان پر عدوءَ ڪي بہ سيني لڳايو!

٣.جهڙو سودو جنهن وٽ سوتهڙو ئي ڏيندو،
اسان پر سين جو سدا خير چاهيو!

٤.شڪر آ ڏاڏيءَ جو نرم دل ڏنائين،
ڏسي درد ٻين جو نير نيڻن وهايو!

٥.'آشا' رب جي رحمت آ ڪيڏي اسان تي!
درياهہ جي ڪُنن مان ڪناري لڳايو.



غزل

اسان ڪي نہ آهي ڪنهن لئہ شڪايت
عدوءَ سان بہ آهي اسانجي محبت.

اسين پيار وارا ڪري پيار چاڙون،
اسانجي نہ دل ۾ ڪنهن لئہ حقارت.

گهٽي عمر گذري آ بچي باقي ٿوري،
نہ ارمان ڪوئي نہ ڪائي آ حسرت !

وڏا وڙ ڏٺيءَ جا، اسين ڪين لائق،
سدائين الله جي اسان تي عنايت.

ڏسي ڏک ڏولاوا ڏري ڏيل منهنجو،
''آشا تي فضل ڪر، ڏٺي تنهنجي سخاوت.

غزل

زماني جي گردش گهٽو ڪجهہ سيکاريو
لهن ڪيئن چڙهن پردا ناٽڪ ڏيکاريو.

١)هڏن مانس رَتُ سان ڀريل هي بدن آ،
تڏهن ڀي سياڻن هرک آهي هاريو!

٢)اڇا وار ڏاڙهي اڇا مت نہ آئي،
وئي عمر گذري نہ ڀوٽو ڪو ڀاريو!

٣)رهون ڪيڏو مشغول طلسم جي دنيا،
سُستي سَتّن ۾ ڏٺيءَ کي وساريو!

۴)ڏسي ڏک ڏولاوِ ڏکي ڏيل ''آشا''،
ڪري مهر مرشد تتل هردو ٺاريو.

غزل

خلق جي آ خدمت خدا جي عبادت
اسانجي آ هردم سڀن سان محبت


۱) اسان لاءِ ڌاريو نہ ڪوئي دنيا ۾
سڀن لاءِ اُلفت نہ ڪنهن لئہ حقارت

۲) سدائين سڳورو سائين تہ سڀ ۾ وسي ٿو
سندس نور چمڪي سندس ئي نزاڪت

۳) اسان خير سڀ جو سدائين ٿا چاهيون
تڏهن پڻ ڪي ڪن ٿا اسان سان عداوت

۴) لهي سار سڀ جي سڀاجهو ٿو سائين
الله جي اسان تي آ ڪيڏي عنايت

۵) بندو بي شڪر آ نہ راضي رضا تي
''آشا'' رب جي ڪيڏي اسان تي آ رحمت



غزل

ازل کان آ توسان منهنجو نينهن ناتو
ڇڏي در دنيا جا توسان پيچ پاتو

١) ڪندي تنهنجو تصور ملي ٿو سڪون
ٻڌي ٻول مٺڙا وصل گيت ڳاتو

٢) روحاني تون راڻومٺا منهنجا مرشد!
تو مونکي سڃاتو مان توکي سڃاتو

٣) تنهنجي مَٽ نه ڪوئي تون آهين لاثاني
ڪنول جيان رهي تو ڏٺيءَ کي هو ڇاتو

٤) تنهنجي پيار جو آ 'آشا' پياسي
ڪندين پياس پوري مان تو لاءِ آتو

غزل

تنهنجو ئي پيار مون لئه آبِ حيات آهي،
جڳ لئه اُماس مون لئه چانڊوڪي رات آهي!

۱) مان پيار ۾ تڳان ٿي، مان پيار ۾ جيئان ٿي
جاڳندي ٻه توکي ساريان، سپني ۾ تات آهي!


۲) منڊ ۾ پوي ٿي بارش هيءَ ٻي منڊائتي آ
جهر جهر ڪري وسي ٿي تنهنجي صفات آهي!

۳) ياڪر ۾ تون پرين ٿو چڙ بهشت ۾ مان آهيان
تنهنجي چانو ۾ گذاريان منهنجي سا لات آهي!

۴) تارون وڇائي تن جون تنهنجا ئي گيت ڳايان
پياسو آ روح ٻيو ڪا وائي نه وات آهي!

۵) سمجهن ٿا ڪي لکان ٿي ڳايان ٿي سوز نغما
ناچيز 'آشا' آهي ڏاتر جي ڏات آهي!





جي هيٺائين وات هلن ٿا
تن جا پيارا! پاڳ ڪلن ٿا!

١) جن جي ڪنڌ ۾ آهه ڪلي
سي آخر ۾ ڪري پون ٿا!


٢) سياٽپ سائين وٽ نہ هلي ٿي
اياڻا الله وٽ جلد اگهن ٿا!

٣) خود غرضيءَ جي کيپ ۾ ظالم
جيري خاطر ٻکري کهن ٿا!

٤) مٺڙا مٺڙا ٻول جنين جا
سيني کي سي خوب وڻن ٿا

٥) توڪل جي ترهي ۾ چڙهن جي
تن جا ٻيڙا ٻني لڳن ٿا

٦) ڪنبن جي وچ ۾ ڪي ''آشا''
گلاب جي گل جيان ٽڙن ٿ




تاڪيد

ٻي جي وچ ۾ ٽنگ نہ اڙاءِ
ناحق پنهنجي نڪ نہ ڦٽاءِ.

(١) سچ چوڻ سان ٻاهہ لڳي ٿي،
صلاح بہ ڪنهن کي ڪين وڻي ٿي،
تون مات ڪري خود کي سمجهاءِ!
ناحق پنهنجي نڪ نہ ڦٽاءِ!

(٢) گونگن ٻوڙن جي هيءَ بستي،
ڪين ڏيکارج پنهنجي هستي،
اڪيون ٻوڙي تون وقت نڀاءِ!
ناحق پنهنجي نڪ نہ ڦٽاءِ!

(٣) هرڪو پاڻ کي سمجهي سياڻو،
ٻي کي سمجهي هوءُ تہ اياڻو،
'آشا' چپن تي مُهر لڳاءِ!
ناحق پنهنجي نڪ نہ ڦٽاءِ!

 غزل

ڪنهن سان دل جو حال نہ اور،
سائينءَ جي ويهي سمرڻي سور.

۱)ڪک پي پيٽو ڪري نہ سگهندين،
ڏاتر کي ڏي تون پنهنجي ڏور.

۲)صاحب ئي هڪ سمرٿ آهي،
تون تہ بندا آهين ڪمزور.

۳)ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار،
تون پنهنجا اوگڻ تڪ ۽ تور!

۴)رتيل رتون سڀ رهجي وينديون،
ٿيندو اُهو جو رب کي منظور.

۵)لک شڪرانا مڄ سائينءَ جا،
ڪڏهن نہ ٿيءُ 'آشا' وهلور!

غزل غزل غزل

جڳ ساري کي ڪريان پيار،
ڪنهن لئہ من ۾ ڪين ڌڪار!

سڀ ۾ جوت جانب جي آهي،
ڪُل جو خير گهران هر وار!

ڪنهن سان ڪين عداوت آهي!
مون لئہ هرڪو آ دلدار!

ڪهنبي جو چٽڪو آ جيون،
ڪنهن سان ڪين ڪريان تڪرار!


جيڪو سودو جنهن وٽ هوندو،
سوئي ڪندو سودو واپار!

خوف خدا جو رکجي هردم،
ڏاڍي صاحب جي سرڪار!

لک ٽورا سائينءَ جا آهن،
صبر شڪر سان وقت گذار!

توڪل ترهي چڙهہ تون 'آشا'
پيڙو تنهنجو ٿيندو پار!

غزل



ازل کان جن سان نيهن جو ناتو،
تن لئہ منهنجا نيڻ سکن ٿا!

ياد ڪريان ٿو ور ور جن کي،
ورهہ ۾ تن جي نيڻ ٽمن ٿا!

جڏهن ٿا منهنجا محب ملن،
ڪيئن نہ پيار مان هٿڙا چمن ٿا!

دور هوندي بہ منهنجا جانب
ڪيڏي منهنجي سار لهن ٿا!

تصور تن جو ڏي تسڪين،
سپني ۾ ديدار ڏين ٿا!

در تن جي دربان آ 'آشا'
ڪيڏي عنايت رحمت ڪن ٿا!

غزل

اسان کي اوهان ڇو وساري ڇڏيو آ !
پنهنجي دل پٽيءَ تان ميساري ڇڏيو آ !


اسين پيار وارا ڪري پيار چاٺون،
سبق سڪ جو مرشد سيکاري ڇڏيو آ !

ڪريان روز تصور اوهانجو مان دلبر،
اکين ئي اکين ۾ وهاري ڇڏيو آ !

دنيا جي درياهہ ۾ گهٽائي ٻُڏا ٿي،
اوهان مهر سان تن کي تاري ڇڏيو آ !

محبت جي مئي جي ا مستي نرالي،
اوهان جام محبت پيئاري ڇڏيو آ !

طلب ''آشا'' آهي اوهانجي وصل جي.
اسان نفس پنهنجي کي ماري ڇڏيو آ !



غزل

اسان کين کنهن سان ڦتائڻ سکياسين،
اسان کين کنهنکي رنجائڻ سکياسين.

١. اسان پيار وارا کري پيار چاڻون،
اسان نينهن جو ناتو نڀائڻ سکياسين،

٢. کي حاسد ستائن پلي پيا ستائن،
اسان کين کنهن کي ستائڻ سکياسين!

٣. بنا سوچ جي کي ڦٻائن ٿا ڇا ڇا،
اسان کين حق هين جا ڦٻائڻ سکياسين!

٤. ڏسي ڏک هين جا لڙک ٿا وهايون،
اسان غم جا نغما ڳائڻ سکياسين.

٥. کيون کوڙ کان ٿا سدائين کنارو!
اسان سودو سچ جو کمائڻ سکياسين.

٦. کيون کين کنهنجي لسين عيب جو ئي،
'آشا'' گڻ گراهي، پرائڻ سکياسين

شهيد هيموءَ
کي شرڌانجلي




سنڌ جا سرويچ هيمون آزادي لئہ قربان ٿئين،
چوڄ مان سوريءَ چڙهين، تون وطن جو شان ٿئين!

مات ڄيڻيءَ جي ڪئي ڪک تو سڦلي پهلوان،
فخر سنڌي قوم کي توتي آهي سنڌي جوان!

برف جي نادين تي ليٽائي ڇهبوڪ تي ظالم هنيان،
تو ڪين هاريو هاڪي سنڌ جا اي سورمان!

تو شهادت جام پيتو، توکي سدا پرڻام آ،
قومي پروانن ۾ 'آشا' تنهنجو امر اڄ نام آ!



نصيحت نامو

ڪريو نيڪ ڪم جو ڏنو آ خدا،
بديءَ واري ڪم کان ڪيو پاسو سدا.
ڏسو جيڪي جڳ ۾ سو آهي فنا،
ڌڻي تعليٰ هڪڙو آ دائم بقا.
ڪيڏا گنج ڪارون هٿڙي ڪٺا ڪيا!
ڪنيائين ڪين ڪوڏي هٿي گنج رهيا.
نہ دائم آ دولت گهڃي بيشمار،
نہ رهندا ڪروڙن وارا شاهوڪار.
دنيا جا ديوانا چون سڀ اسانجو،
آيو موت سر تي نہ تنهنجو نہ منهنجو.
نہ ڪو ساٿ ڏيندو پنهنجو ڪوئي يار،
ڪريو ڪين غفلت ڌڻي ڏيندو مار.
سڄل ڏن آ تنهن جو خرچيءَ ڪارائي،
رهي ڏيندو رب جي نالي لٽائي.
ونڊي ۽ ورهائي، اڪيلو نہ کائي،
وڃي سرڳ سوتو نصيحت هنڊائي.
ڪڏهن ڪين بندا ڌڻيءَ کي وسار،
ڪري سُستي مستي تون بازي نہ هار.
گهٽو حرص پيارا! ڪٽي سان ڪارائي،
مايا ڪيئن نہ ماڻهوءَ جي ننڊ تي ڦٽائي.
(شري گرونانڪ ديو مهاراج جي نصيحت نامي جو تر



اوراٽو

آد شڪتي ديوي ماتا

ديوي ماتا آد شڪتي تنهنجو آ آڌار،
جڳ‌دمبا جڳ ساري ۾ تنهنجي جئه جئڪار.

١) انپورڻا آهين تون ماتا جڳ جي لهين سنڀال،
ڪمي نه تو وٽ ڪائي آهي سدا ڀريل ڀنڊار.

٢) ڌوپ ڏيان جو پشپ پريم جا من ۾ مان پوڄان،
ديا درشٽي ڪر تون ماتا، ٿيان مان باغ بهار.

٣) شُڀ نشنڀ ۽ مهشاسُر کي مٽيءَ ۾ تو ته ملايو،
رڪشا ڪرين ٿي ڀڳتن جي ۽ دشٽن جو سنهار.

٤) ٻار ٻاراٽي ڪن جي جياجل ڪميا جي تون ڪاڻ،
ماتا منهنجي تون آهين ديوي، آهيان تنهنجو ٻار.

٥) ننگ ٻاچن جو توتي ديوي تنهنجا سيئي ٻار،
اوراٽا تنهنجا جياجل ڳايان ٺار ماتا تون ٺار.

٦) آس وندن جي 'آشا' پاڄائين جڳ جو ڪرين ڪلياڻ،
مهر جو مينهن وسائج ماتا گهر جي تنهنجو پيار.



محبوب ايندو

محبوب منهنجو مٺڙو منهنجي اڱڻ ۾ ايندو،
منهنجي اڱڻ ۾ ايندو، ديدار پنهنجو ڏيندو


سالن کان مان سڪايل، آهيان ازل کان اُڃايل،
ٿيندي پياس پوري منهنجي مونکي پاڻ ساڻ نيندو.

لوڪن کي لک نہ آهي منهنجي اندر جي ڪائي،
آهيان ڏکن ڏتي مان، دک درد سڀ ڪٽيندو.

سڏڪي ڪريان ٿي سڏڙا، روئندي گذاريان راتيون،
پوريل جو در ورهين کان، محبوب سو پٽيندو.

'آشا' وصل جو آ طالب، ٻي چاهہ ڪين ڪائي،
مان خوش نصيب ٿيندس جڏهن فضل الله جو ٿيندو.

دادا جشن واسواڻي کي جنم دن مبارڪ



اوهانجي نيڻن ۾ آ مٺا نور نوراني
اوهانجي ٿي چمڪي سدائين پيشاني

١) اٺئي پهر الله جي ڪريو ٿا عبادت
اوهانجي آ صورت سراپا سبحاني

٢) الفاظ اوهانجا تہ آهن هيرا ۽ موتي
خدا جا اوهان خاص عيوضي لاثاني

٣) اوهان عشق محبت جا اوتار آهيو
ٻڌايو ٿا رستو سين کي روحاني

٤) ڏٺيءَ جي ٻاچن جي ڪريو ڪيڏي خدمت
ديا پريم جي جوت جڳايو ٿا جاني

٥) جنمدن مبارڪ 'انجلي' اوهانکي
سچا سنت آهيو پورن برهمگياني

٦) ''آشا'' بس اوهانجو طلبگار آهي
ڪريو ڪا عنايت، وڏي مهرباني

مان

گيت پيار جا ڳايان مان،
پنهنجي دل وندرايان مان

١.ڪو هلي ڪو پڪو هلي
سڀ سان توڙ نباهيان مان،

٢.منهنجي دل تہ ڪشادي دل آ
سڀ کي گلي لڳايان مان

٣.ٻين جي پيڙا پنهنجي سمجهي
تن جو درد مٽايان مان

٤.لڙڪ ڏسي ٻين جي اکڙين ۾
نيڻين نير وهايان مان

٥.پلي ستائن ڪي ڪي مونکي
پر ڪنهنکي ڪين رنجايان مان

٦.درشتا ٿي مان ڏسان تماشو
ڪنهن کي ڪين ورجايان مان

٧.دکين بکين جي شيوا ڪري
جيون سڦل بڻايان مان

٨.دنيا کهنبي جو آ چڻڪو
تنهن ۾ دل نہ اڙايان مان،

٩.سک جو سودو مون وٽ 'آشا'
رٺلن کي پرچايان مان

سهڻا


مون سان رسڻ ۾ سهڻا توکي نه فيض رسندو!
توکي نه فيض رسندو، توکي ساڃهه نه سُهندو،

١) سالن کان نيهن جو ناتو توکي ڪپي نيائڻ،
توري ڪسي پڪيءَ تي واجب نه آ ڦٽائڻ،
سڪ جو سنهو آ ڌاڳو ڇڪ ساڻ سو ته ٽٽندو!
مون سان رسڻ ۾ سهڻا توکي نه فيض رسندو!

٢) هن بي بقا جي باغ ۾ دم جو ڀروسو ناهي،
گهڙيون پيار جون گذاريون تنهن ۾ ئي لطف آهي،
غم ڪٿي جي هلون بس مينهن وصل جو ته وسندو.
مون سان رسڻ ۾ سهڻا توکي نه فيض رسندو!

٣) جذبي وهيٽي دل آ توکي نه قياس آهي،
'آشا' پيار جو پياسي، هي چاهه مونکي ناهي،
ماضي وساري پرچون نه ته لوڪ ڀوڪ کلندو،
مون سان رسڻ ۾ سهڻا توکي نه فيض رسندو!

ڪير !



دَرد ڀريا جي گيت لکان ٿو،
ڪير اُنهن کي سُر سان ڳائي!

١. انڌن اکِيان آ روئڻ اجايو،
ڪير رڍن اڳيان رباب وڄائي!


٢. مينهن کي ڇوي ٿو هرڪو ڪاري،
پنهنجي ڪوئي پٽ تہ ورائي!

٣. نياڻين جي ٿي لٽجي عظمت
اڄ ڪير اُنهن جي لاج بچائي!

٤. سورٺ راڄڌڻي ڪري متاثر،
ٻيجل وانگر سرندو ڪير وڄائي!

٥. ميهر وانگر ڪير گهڙي سهڻيءَ لاءِ؟
'آشا' دم اڄ ڪنهن ۾ ناهي!

پياري پتني لاجونتي



پتورت پتني لاجونتي! تون سرڳ ڏانهن رمندي رهينءَ
زندگيءَ جي راهه ۾ مونکي ڇڏي تون ڇو مٿي هلندي رهينءَ!

ياد تنهنجي ور ور اچي ٿي ۽ آب اکڙين مان وهي!
دل منهنجي ڪومل نرم فصل جو دک ڪيئن سهي!

پور پل پل ٿاپون، تصوير تنهنجي ٿي تري،
سڏ ڪريان مان 'لاج' ور ور! تو ڪانسو اِ پلا ڪيئن سري!

هم سفر تو سار ڪيڏي منهنجي لئي خدمت ڪئي،
خيال ڪيڏو توکي منهنجو، عمر ڀر صاحبت ڪئي!

مون کان وڌ نازڪ طبع، تون نفيس هُئين نرم دل،
ڏسندي ڏسندي توکي ڪيئن ڪٽي وئي ڪال حل!

هي جي دک کي پنهنجو سماجهي دور تو تنهن کي ڪيو،
موم دل مٺڙي منهنجي ٿيندس 'سهاڳڻ' تو چيو!



ورهي گيت

ميت ملائي

آهي ڪو جو ميت ملائي!
ميت ملڻ جي راهه ٻُڌائي.

١) سالن کان سڪ جنهنجي آهي،
ٻي ڪا چاهه اندر ۾ ناهي،
ويٺي آهيان اکيون وڇائي،
آهي ڪو جو ميت ملائي!

٢) روئي روئي رات گذاريان،
ڏينهن جو پي رڳ رڳ ۾ ساريان،
نينهن جو نياپو ڪير پهچائي،
آهي ڪو جو ميت ملائي!

٢) مان واساما ٻڪايان،
ڪنهن کي دل جو حال ٻڌايان،
ڪير اچي مونکي پرچائي!
آهي ڪو جو ميت ملائي!

۴) 'آشا' وصل جي وائي وات،
تن من ۾ پريتم جي تات،
ڪنهن ڏينهن اچي من ڳلي لڳائي.
آهي ڪو جو ميت ملائي!



او سنڌيو!

١) وساري ڇڏيو نا مٺي سنڌي ٻولي !
ڏني جنهن ۾ جياجل پينگهي ۾ لولي.

٢) پکين کي به پياري پنهنجي ٻولي آهي،
پر افسوس اسانکي پياري سنڌي ناهي!

٣) زبان جنهنجي زنده سا جاتي زنده آ،
جا ماءُ کي وساري سا جاتي مرده آ !

٤) سچل شاهه ساميءَ جو نه ورثو وساريو!
سنڌي سياڻا سمجهو اوهان ڪجهه ويچاريو!

٥) آڳاٽي سڀيتا جا اوهين آهيو وارث،
اوهان جي هٿن ۾ 'آشا' آهن پارس!

سو امي شانتي پرڪاش ستگر دادا جشن توکي پيار ڪيو،
نام سان تو لنوَ لڳائي ۽ پيار جو وهنوار ڪيو!

تو ڏنو سهيوگ ڪيڏو آڳياڪاري تون مٽي،
گرهست جو ڳاڙو هلايو، سانت چت ٿي تون سٽي!

تون هئين صدقي سنتن جي ٻاجهه ڳوهه ۾ پڳتي ڪئي،
اوچتو 'آشا' اڄهامي تنهنجي جيون جوت وئي!

ياد رهندين ياد رهندين جيسين آهيان مان حيات،
مان زندگي سڦلي ڪريان، توکي ملي آهي نجات.

تضاد

ڪٿي سوڪ تہ ڪٿي مينهن
ڪٿي رات تہ ڪٿي ڏينهن
ڪٿي گدڙ تہ ڪٿي شينهن
ڪٿي نفرت تہ ڪٿي نينهن

ورورو الي آيو

ور ور والي تو وٽ آيو
پر تو هن کي آ موٽايو!


(۱) پياسي ٿي اچي پياس ٻجهائڻ
ڪڏهن اچي هوُ بک مٽائڻ،
نہ پاڻي پيئاريو نہ تو کارايو،
ور ور والي تو وٽ آيو!

(۲) ڪڏهن اچي هوُ هٿ تو پساري،
تڏ ۾ ڏڪندو، ننگو نهاري،
توکي تڏهن بہ قياس نہ آيو!
ور ور والي تو وٽ آيو!

(۳) مٺڙا مٺڙا گيت هوُ ڳائي،
تنهنجي در جهولي ڦهلائي،
ڪين تو تنهنکي گلي لڳايو!
والي ور ور تو وٽ آيو!

(۴) ٻيو ء ٻيڙي تو وٽ آيو،
روئندي روئندي حال ٻڌايو،
تو رخ ڏئي تن سان ڪين ڳالهايو!
ور ور والي تو وٽ آيو!

(۵) 'آشا' پرين تنهنجي اڱڻ ۾ آيو،
اناحد جو آواز سڻايو،
غفلت مان توکي جاڳايو!
ور ور والي تو وٽ آيو!



مان خوش آهيان

مان خوش آهيان، مان خوش آهيان،
تنهنجي ثنا جا گيت تو ڳايان!

١) جيڪي ڪرين تو تنهن ۾ ڀلائي،
شڪر شڪر جي ٻوليان وائي،
سور ٻه سوغاتون مان ڀانيان،
مان خوش آهيان، مان خوش آهيان!

٢) تنهنجي عنايت ڪيڏي آهي،
سوريءَ مان ٽي ڪنبو بڻائي،
ڪيئن ٽورا تنهنجا لاهيان!
مان خوش آهيان، مان خوش آهيان!

٢) سائين تنهنجي در جو سائل،
جانا ڀري تو 'آشا' قائل،
درشن تنهنجو بس مان چاهيان!
مان خوش آهيان، مان خوش آهيان!

ورهي گيت



اچ پريتم !

لڙڪن جي مالها مان ڻاهيان،
اچ پريتم سا توکي پيايان!

(۱) تنهنجي اچڻ لئہ اکڙيون وڇايم،
روئندي روئندي راتيون گذاريم،
سپني ۾ ٻي ساريان توکي،
تنهنجي ورهہ ۾ گيت ٿي ڳايان
لڙڪن جي مالها مان ڻاهيان!

(۲) جانب منهنجي جيءَ جا جيئارا،
منهنجي اکڙين جا اوهين تارا،
منډ بهار جي جڳ لئہ آهي،
توکان سواءِ سڀ ٿي ٻانيان،
لڙڪن جي مالها مان ڻاهيان!

(۳) تنهنجي وصل جي ''آشا'' آهي،
ٻي ڪا چاهہ اندر ۾ ناهي،
شبريءَ جي گهر رام اچاچ تون،
گلن ڦلن جي سيڄ وڇايان،
لڙڪن جي مالها مان ڻاهيان!



يڳتي گيت

پريم جو پنٿ

پريم جو آهي پنٿ نرالو،
پريم سان ٿئي ٿو اندر اُجالو.

١) پريم ۾ جن جن پاڻ پتوڙيو،
جيءُ جانب سان جن جن جوڙيو،
آهي تن جو جڳ ۾ نالو،
پريم جو آهي پنٿ نرالو.

٢) لوڪ لڄا سڀ لاهي لاهي،
ميران هلي گرڌر ڏي ڪاهي،
ميران وانگر ٿيءُ متوالو،
پريم جو آهي پنٿ نرالو.

٣) پريوءَ کي ڪر پاڻ تون ارپڻ،
سواس سواس سان ڪر تون سمرڻ،
سائين تنهنجو سدا رکوالو،
پريم جو آهي پنٿ نرالو.

٣) پريم ته آهي امرت ڌارا،
پيئن ٿا کي ڪي ڀاڳن وارا،
پي ڏس 'آشا' پريم جو پيالو،
پريم جو آهي پنٿ نرالو.

ورهي گيت

ساجن ساريان




رڳ رڳ ۾ مان ساجن ساريان!
تنهنجي اچڻ جي راهه نهاريان.

١) تو سان پريتم پيچ مون پاتو
آهه ازل کان نينهن جو ناتو
ورهه ۾ ويٺي هنجون هاريان
رڳ رڳ ۾ مان ساجن ساريان!

٢) تو بن من مايوس رهي ٿو
تو بن ڪوئي نه سار لهي ٿو.
پل پل پريتم توکي پڪاريان
رڳ رڳ ۾ مان ساجن ساريان!

٢) تون ئي منهنجي روح جو راڻو
تو بن ''آشا آهه ويڳاڻو
اچ اکڙين ۾ توکي وهاريان
رڳ رڳ ۾ مان ساجن ساريان!



انمول جيون

هيءُ جيون آ انمول،
تون ڀٽڪڻ ۾ نا رول!

١) توکي امولهہ جنم مليو آ،
پيارا! تنهنجو ڀاڳ کليو آ،
تون لعل اندر ۾ ڳول!
هيءُ جيون آ انمول.

٢) ڪنهنجي دل کي ڪين رنجائج،
ڪوڙو ڪنهن سان ڪين ڳالهائج
تون مٺڙو ٻول،
هيءُ جيون آ انمول.

٣) نام سان پيارا نينهن لڳائج،
ستگر ايش جو ڌيان ڌيائج،
توکي ملندو مڪتي تول
هيءُ جيون آ انمول

٤) پيئندو رهہ 'آشا' پريم جو پيالو
سواس سواس جپ نام جو نالو
سدا هري اوم هري اوم ٻول
هيءُ جيون آ انمو



ڀڳتي گيت

شيام سندر

شيام سندر لئہ آنءُ نهاريان،
اچي تہ پلڪن منجهہ وهاريان!

(١) شيام ڪڏهن منهنجي اڱڻ ۾ ايندو،
پاڻ پريو اچي درشن ڏيندو،
ورهہ ۾ ويٺي هنجون هاريان
شيام سندر لئہ آنءُ نهاريان!

(٢) شيام سندر بن مان ويڳاڻي،
روئندي روئندي رات وهاڻي،
پل پل تنهن لئہ آنءُ پڪاريان،
شيام سندر لئہ آنءُ نهاريان!

(٣) جنمن کان مان پياسي آهيان،
ڪرشن بن مان ڪجهہ نا چاهيان،
'آشا' تنهن تان سڀ ڪجهہ واريان
شيام سندر لئہ آنءُ نهاريان،

ورهي گيت

تنهنجي تات تنوار

تنهنجي تن من تات تنوار
ڪڏهن ملندين مٺا منٺار!


١) پريتم تو لئہ اکڙيون وڇايان
آهٽ تي مان جهاتيون پايان
ٻيو وٽي نہ ڪو ڪم ڪار
ڪڏهن ملندين مٺا منٺار.

٢) ورهہ ۾ آهيان آنءُ ويڳاڻي
تون راڻو مان تنهنجي راڻي
اچي ساجن لهہ تون سار!
ڪڏهن ملندين مٺا منٺار!

٣) سڪ جي سمرٽي ويٺي سوريان
حال اندر جو تو سان اوريان
ڏي ڏيڄ تون اچي دلدار!
ڪڏهن ملندين مٺا منٺار!

٤) تنهنجي عنايت جي آ چاهت
تصور تنهنجو مون لئہ راحت
'آشا' ڪير ڪري ٻيو پيار!
ڪڏهن ملندين مٺا منٺار!

ٻال گيت



هرروز

صبوح سويل مان اُٿندو آهيان،
مات پتا کي نمندو آهيان!

گوبند لڪشمي سرسوتيءَ جو واس،
سمجهي تري مان ڇُمندو آهيان!

لکي پڙهي ڪجھ تياري ڪريان ٿو،
وديا مندر پوءِ ويندو آهيان!

اُستادن کي نمن ڪري مان،
آسيس سندن مان وٺندو آهيان!

جڏهن پڙهائي ٿو اُستاد،
ڌيان سان ٻڌندو لکندو آهيان!

لکڻ پڙهڻ ۾ مان هوشيار،
خوب انعام مان کٽندو آهيان!

مائٽ ماستر کن ٿا پيار،
سدا گلاب جئن ٽڙندو آهيان!

راند روند ڳائڻ جو شونق،
تن ۾ ڀاڱ مان وٺندو آهيان!

شام جو باغ ۾ گهمڻ وڃان ٿو،
سونهن گلن جي ڏسندو آهيان!

مات پتا جي شيوا ڪري،
پوءِ رات جو سمهندو آهيان!

ورهي گيت

ياد ڪريان

توکي ياد ڪريان ڏينهن رات!
تن من تنهنجي آهي تات!

١) سڏڪي سڏڪي سمهي پوان ٿي،
سپنن ۾ پڻ توکي پسان ٿي،
جئن چاڙان تيئن فقرات،
توکي ياد ڪريان ڏينهن رات!

٢) رسي وئين ڇو منهنجا راڻا،
روئن ٿا منهنجا نيڻ نماڻا،
وسي بي مند ٿي برسات،
توکي ياد ڪريان ڏينهن رات!

٣) توکي پسڻ جي 'آشا' آهي،
ٻي ڪا چاهه اندر ۾ ناهي،
ڏي درشن تون پرڀات،
توکي ياد ڪريان ڏينهن رات!

جدا جدا وزن

پرستا

١) اندر ۾ عشق جنهنکي آ، سدا سو خوش نصيب آهي،
اُهو انسان فرشتو آ، ڌڻيءَ جي هوُ قريب آهي.

٢) سچ چوڻ جي آ بغاوت ته ڪرڻ گهرجي اهڙي بغاوت،
وطن ۽ قوم جي صدقي مرڻ پيي آ شهادت.

٣) مجبوري انسان کان ڇا ڇا نٿي ڪرائي!
طنز نه ڪيو، ڪو ڏسي پنهنجي پُٽ ته ورائي!

۴) حاسد حسد ڪرڻ سان ڪاجهه ڪين ڪي وري ٿو،
ڪڏون ڪونٿي ٿو پين لئه پر پاڻ هوُ ڪري ٿو!

۵) محبت جذبو انساني ڪري ٿي اوپرا پنهنجا،
خطا ناهي، گناهه ناهي ڪرڻ ڪنهن سان به محبت.

٦) تو منهنجي اُميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو،
تون موقعي پرست، نگاهن ۾ پاڻ ڪيري ڇڏيو.

ٽڪ سٽا

١) وات ۾ ماکي دل ۾ ڪاتي اهڙن کان شل خدا بچائي.

٢) تو چور سڏائي مور الا هي ڪيڏو آ انڌير!

٣) ڪني آڱر ڪتي پلي تي ڦهلائي زهر، ڪيڏو ڪري تي قهر

٤) نڪلي نقاب آخر ظاهر ڪندو اصل ڪي.

٥) حُسن آ حباب وانگر ڪڏهن ٻي ختم ٿئي!

٦) زندگي دک سک جو مرڪب.

٧) ووڪ جا وڍ تنهن ڪي پوندا جنهن ڪي آهه ضمير.

٨) طلسم جي آ ترڪڻ بازي، ڪٽاج سنيالي پير.

٩) تو نهاريو مان اکين ۾ وهاريو!

١٠) گهاوَ لفظ جا پرجڻ جا ناهن!

١١) خواهشن جا خواب لهندي ساري ڄمار گذري.

١٤) جت ايڪو آنند تت پريم جي جوت ٻري،
ايڪي ۾ ئي ٻل ٻُڏي آئي وِپدا ٽري.

١٥) زبان جنهنجي مٺڙي سو سڀ کي وڻي ٿو،
هزارن دلين جو سو راجا بڻي ٿو.

١٦) اسان لاءِ خلق جي خدمت خدا جي بندگي آهي،
ملي جيڪي ورهايون ٿا، لڪائڻ گندگي آهي،

١٧) جنهن کي پريوءَ لئه پياس آ سو آ ڀاڳيوان،
جنهنکي پريم جي پونجي آهي سو سچو ڌنوان.

١٨) علم کان وڌ عمل آ پيارا!
جي کن ٿا عمل سچڻ سي سونهارا.

١٩) گيان جو سورج اُڀري جڏهن
ٿي اوديا اوندهہ وڃي تڏهن.

٢٠) حياتي نہ پنهنجي غفلت ۾ گذار !
ڪندي ڪار ڪم تو پريوءَ کي پڪار.

٢١) ڪڏهن ڪين ٿي ڪنن جو ڪچو،
ڪنن جو ڪچو ڪٺي ٿو ڏچو!

٧) وير وڪارن جي چڙهي ڪري ڪيڏو ٿي نقصان،!
وڃن وير ۾ کهلجي وير وڏا ودوان.

٨) ترڪ ڪي تون ترڪ ڪر ماٺ ۾ ويهيءَ گذار،
سانت ۾ صاحب ملي، سانت ۾ سائينءَ ڪي سار.

٩) شرڌا ادب ۽ پريم سان ڪري ٿو جو شيوا،
ڪٽي آسيس وڏن جي ملن تنهنکي ميوا.

١٠) لاطمع ٿي رهه، دنيا ۾ جي ٿيڻ چاهين سکي،
رک تمنا هڪ ڌڻيءَ جي ڪين ٿيندين تون دکي.

١١) ڪي ڪي ماڻهو محبتي جن جي اندر پيار،
سهڻا ٿوهه پڻن تي گهڻا خلقيا خلقڻهار.

١٢) گڏن وارو ماڻهو سڀن کي وڻي ٿو،
هلجي توڙي ڌاريو ته به پنهنجو بڻي ٿو

١٣) ڪيئن پيا پاڇن پويان ڊوڙن
منهن مالڪ کان ويٺا موڙيون

٣١) رقيبن اسانکي تہ بيدار ڪيو آ
محجون ٿورا تن جا هوشيار ڪيو آ

٣٢) تماشو دنيا جو لڳي خوبصورت،
حقيقت ۾ آهي مڪروهہ مورت،

٣٣) پاڇن پويان ڪين ڪي ڊوڙ!
تون پاڻي پيارا ڪين ولوڙ!

٣٤) هار جيت جي ڪر نا اون،
وقت تي ملندءِ هيرا سون

٣٥) خاوند جو آ جن کي خيال،
تن جي لهندو پاڻ سنڀال،

٣٦) خوابن کي خواب سمجهي وساري ڇڏج،
تون حقيقت پرست ٿي ميساري ڇڏج،

٣٧) چنتائون ڪن چڪنا چور
چنتن ڪري ٿو سڀ دک دور،

٣٨) رقيبن ڪئي آ اسان سان محبت
سندن خواب مان پيي عيان آ حقيقت،


٣٩) سک ۾ ساٿي سوين هزار،
دک ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ يار!



٢٢) ٻيءَ جي جُتيءَ ۾ پير نہ پاءِ،
تون پنهنجو پاڻ ئي وڪ وڌاءِ.

٢٣) انَ جو منهن جنبڊ ڏانهن آ پيارا!
ڪر نہ ڪنارو رشتي وارا!

٢٤) شير ستل کي ڪين جاڳاءِ،
پنهنجي پيارا ننڊ نہ ڦٽاءِ.



٢٥) هر ڪنهن جا ٽي وارا ڏارا،
ڪنهن ڏينهن ورندو وارو پيارا.

٢٦) ڪنهن سان ٻيي تون رک نا وير،
اڍائي گهرن جو گُهر تون خير.

٢٧) پنهنجن جي وچ ۾ تون سُهندين،
ڌارين سان تون ٺهي نہ سگهندين.

٢٨) پنهنجا ٽيا پنهنجن جا ويري،
ڪن ٽا ڪيڏي هيرا ڦيري!



٢٩) لنبي خوشامند جيڪي ڪن ٿا،
موقعي تي ڪيئن لڪي وڃن ٿا!

٣٠) ماءُ کي ممتا ٽيندي آهي،
ٻيءَ کي لهس نہ ايندي آهي.

۴۸) ڇڏي ننڊ غافل اُفق ڏي نهار!
اُميدن جو سج اُڀريو پوتو ڪو پار،

۴۹) تون ڪلنديـن جڳ تو سان ڪلندو،
تون روئنديـن جڳ ڪين ڪي روئندو.

۵۰) هڪ ٻي جون چو توپيون لاهيو!
پنهنجي پنهنجي ٽوپي ٺاهيو!

۵۱) ٻاهران ڪي ڪي صدقي وڃن ٿا
لڪي ڇپي ڪيئن ترو ڪين ٿا!

۵۲) نظر جي ناهي نفساني،
مشڪ ٻه محبت جي آ نشاني.

۵۳) چور سڏائين پاڻ کي مور
اڃا ٻه رتُ چوسي ٿي چور !

۵۴) پيٽ دائي کان ٻُجهو ته ناهي،
ڪير نه سگهندو تنهن کان لڪائي!

۵۵) وهندڙ ڏيکي کي ڪين ڪي مار،
پنهنجي دل ۾ ديا تون ڌار!

١٤٠) هڪ هيءَ جو ٿا ڪيو بچاءُ،
پاڻ ۾ ڪيو ٿو ڪو نہ سٽاءُ.



١٤١) مالدار جا معاف گناهہ!
مسڪينن جو آهہ الله!

١٤٢) هيچ ڪري ٿو جيڪو ڪائي،
آخر ۾ ٿو سو پڇتائي.

١٤٣) سُڪن سان ساوا بہ سڙن ٿا،
ناحق ناحق! نردوش مرن ٿا!

١٤٤) ڳاڏي ٻن ڦيٿن سان آ هلندي،
هڪ ڦيٿي سان هلي نہ سگهندي.

١٤٥) ڪُوڙيءَ ول جيان وڌندو رهجانءِ،
پر نہ ڪڏهن ايمان ڪجانءِ!

١٤٦) شينهن نانگ کان ڏڪي ٿو هر ڪو،
خالق کان کان پر ڏڪي ٿو ڪو ڪو.

١٤٧) ماڻس هڏن جو پڃرو آهين،
پوءِ بہ پاڻ کي پيو پڏائين!

(٦) سائينءَ جي آ ڪيڏي رحمت،
پر شڪر نہ بندو ڪري سدائين!
سالم صحت وڏي آ نعمت.

(٧) سک درسي سک پائي ٿو،
دک درسي ڪومايل گل،
ڪوئي نہ تنهنکي چاهي ٿو.

٨)ڪُتن وانگر وڙهون هڏيءَ لئہ!
ماڻهو آهيون ٿيون پيي ماڻهو،
رت ٿا وهايون مال مڏيءَ لئہ!

٩) سفر سهانو جي هلڪو بار،
ڪيڏا بار کڻون ٿا من پر!
جيئڻ بڻاجي ٿو دشوار!

١٠) تنهنجا مٺڙا مٺڙا ٻول،
ڏين ٿا دل کي آٿت ڪيڏو!
منهنجي روح لئہ آهن ٿول

١١) تنهنجي آمد مون لئہ جنت،
دل جو ڪنول ٿو پئي ٽڙي!
مٺڙي مٺڙي تنهنجي صحبت.

١٢) پنهنجا پنهنجن سان نہ ٿهن ٿا!
هوا جو رخ ڪيڏو آ بدليو!
ڌارين سان ٿهي وڃن ٿا!

ٽڙيتا


(١) الفاظ تنهنجا ماکيءَ کان مٺا،
زندگيءَ جي سفر ۾ ڪيئي مليا،
پر تو جهڙا نہ دلدار ڏٺا.

(٢) حسن جي وچ ۾ تون سُهندين،
ڪانوَن کان ڪر سدا ڪنارو،
وات وڏن سان ڪئن تون ٺهندين.

(٣) زر وارن جو ڪيڏو زور،
وات مان پيئي ڳگ ڳڙي،
چون هي محفل جو آ مور!

(٤) جوَ ڍيري ڳڏهہ رکپال،
رکشک ٿيندا جي ڀکشک،
ديش جو ٿيندو ڪهڙو حال!

(٥) پنهنجا پنهنجن کان ڪن پاسو!
رت ۾ ڀي ٿي آ ملاوت،
دل کي ڀي ڏين ڪين دلاسو!



پنهنجا

١) ماس نهن کان ناهي ڇڄندو،
نيٺ ته پيارا! ڇهنبي پوندي،
رت جو رشتو ناهي ٽٽندو.

٢) پنهنجن سان پهرين توڙ نڀاءِ،
ڌارين سان تون رستو رک پلُ،
پر پنهنجن سان ڪين ڦٽاءِ!

٣) ڏک سک ۾ پنهنجا ڪم ايندا،
غيرن کي ڪهڪاءُ نه پوندو،
ڌاريا توکي ساٿ نه ڏيندا!

٤) ڄر آنڌي کي آهي ايندي،
ٻي کي ٿاءُ نه ايندو ڪڏهين،
پنهنجن کي ڇڪ آهي ٿيندي!

٥) پنهنجا آخر پنهنجا ٿيندا،
مطلب جا ماڻهو منهن مٽڙا،
ڪڏهن نه 'آشا' ڪم تو ايندا!

١٣) تيڏو لهندين جيڏو سهندين،
ڪس ڪائڻ ۾ ئي جس آهي،
غم ڪائڻ سان تون سک لهندين

١٤)اڄ وڏا ننڍن کان ڪئن نہ ڏکن ٿا
اڳ ننڍا وڏن کان ڏکندا هئا،
اڄ تعنا مهڻا وڏا سهن ٿا!

١٥) ڪروڌي پهرين پاڻ جلي ٿو،
پاڻ جلي پوءِ ٻين کي جلائي،
سياڻو ڪروڌ کان پاڻ پلي ٿو..

١٦) لڳي ٿو جنهن کي رب جو رنگ
دنيا جي تنهن کي ڇا پرواهہ!
تنهن کي ها ماري ڏنگ.

١٧) ڪن جو اچڻ بہ ڪين وڻي ٿو،
ماڻهو مڙيئي ماڻهو آهن،
ڪن جو وڃڻ بہ درد ڏئي ٿو.

١٨) سواسن جا ٿا هيرا وڃايون،
ڪال اچي ٿو جڏهن ڪنڌ تي،
ڳوڙها ڳاڙي پوءِ پڇتايون!

□ □ □

چوسٽا


١. ڏسڻ جا توهين ڏيل آهيو !
توهانجي رهڻي چڻ پيل آهيو!
ٻيڙيءَ چاڙهي کيو ٽا ڦرهو،
توهان ڪيڏا نہ ذليل آهيو!

٢. مالڪ ويو اسان کان وسري،
مايا لڳي ٿي مٺڙي مصري،
دنيا جي هن گوڙ شور ۾،
باقي ٿوري، گهٽي وئي گذري.

٣. حياتي نہ پنهنجي اجائي وڃاءِ،
اُٿي جاڳ پيارا ڏٺيءَ کي ڏياءِ،
ڏني جا امانت ڏٺي توکي آهي،
نہ ڪر تنهن ۾ خيانت ، سڦلي بڻاءِ.

٤. ٻين جي جيڪو سار لهي ٿو،
ونگو نہ تنهن جو وار ٿئي ٿو،
ٻين سان ڀلائي جيڪو ڪري ٿو،
تنهنجي سائين سار لهي ٿو.

گونگو ٿي گذار



پوڙن جي هن بستيءَ ۾
گونگو ٿي ته گذار مٺا!

۱. چپ چوريندين دکي تون ٿيندين،
سمجهائڻ سان ڪجهه نه وٿيندين،
هت پوڙن سان وهنوار مٺا،
گونگو ٿي ته گذار مٺا!

۲. سچ چوڻ سان مرچ لڳن ٿا،
سچا ماڻهو ڪين وڻن ٿا،
لفظن جا ڪن وار مٺا،
گونگو ٿي ته گذار مٺا!

۳. پوڙا ٻڌندءِ ڪين ڪي تنهنجي
هوڏي هٺيلا هلن ٿا پنهنجي،
توکي ڪندا بيزار مٺا،
گونگو ٿي ته گذار مٺا!

۴. ماٺ ڪري ''آشا'' وقت گذارج،
سڀ سان پنهنجي توڙ نڀائج،
تنهنجي ٿيندي جئڪار مٺا!
گونگو ٿي ته گذار مٺا!

دوها

۱) من وچن ۽ ڪرم سان سڀ ڪي سک پهچاءِ،
سمرڻ سيوا ۾ سدا جيون سڦل بڻاءِ.

۲) توري جيئڻ واسطي ڪر نہ ڪڏهن ڪتو ڪم،
صاحب جي سرڪار وٽ، ڪين ڇڏيندو جم.

۴) ننڊ نہ ڪر نادان تون، پرهہ ڦٽيءَ جو جاڳ،
جاڳي رب کي ياد ڪر، ماڻين تون تہ سهاڳ.

۵) ڪلجڳ جي آهي هوا پاءُ پاءُ سان وير،
ڪلفت ڪيڏي آ وڌي ڪيڏو من ۾ غير.

۶) ڇا تہ ڪُڏي انسان تو آهي مٽيءَ جو ڍير،
ڏُکو بہ 'آشا' ڪين ڪي پاڻ پڏائي سير.

۷) 'آشا' سوارٿ ڪي ڇڏي، سڀ جو ڀلو تون ڪر،
ڀلي ڪرڻ سان ٿي ڀلو، ۽ ساري تنهنجي سر.

۸) چنتا چتا سمان آ ڪڏهن نہ چنتا ڪر،
چنتن ڪر هڪ رام جو، خوشين سان دامن ڀر.

۹) پريو سڀ ۾ تو وسي، سيني کي ڏي پيار،
جيڪو ڪري تو نفرت، تنهن کي آهہ ڌرڪار.

٥. شڪر ڪر شڪر ڪر صبر ڪر ادا !
شڪر ۽ صبر سان ملي سک سدا،
نہ دانهن ڪرڻ سان ٿو دک دور ٿئي،
مٺو آهي ميوو تہ رب جي رضا.

٦. دنيا جا رنگ روپ ڏسي حيران ٿيا
ناٽڪ جي هن پردي تي مستان ٿيا.
ڪي ڏياني ڪي گياني ويراڳي رشي،
موهڻي مايا ۾ ڦلجي غلطان ٿيا !

٧. ٻڌ انهد جو آواز،
جنهن ۾ آهي روحاني راز،
انهد جو آواز امر آ،
نشور آ تن جو ساز!

٨. ڏٺي ڀلايا ڪيڏا ڀال!
هردم هرپل لهي سنڀال،
سيوا سمرڻ ڪر تون سدائين،
خالق ڪندو توکي خوشحال.

٩. رب جي آهي ڪيڏي رحمت،
سار لهي ٿو ساعت بہ ساعت،
بندو بي شڪر آ ڪري ٿو شڪايت،
زمين زر عقل سندس آ امانت.



آزاد نظم

مونکي جيئڻ ڏيو

مونکي ڀارت ماتا جي گود ۾ جيئڻ ڏيو!
جيئڻ جو هر ڪنهن کي اڌڪار آ
مان آزاد ڀارت ڀومي ۾ پيدا ٿيو آهيان
جنهن پاون ڀومي تي جنم وٺڻ لئہ
ديوتائون بہ سڪندا آهن.
جنهن ڀومي جي رشين منين مهما ڳائي آ
جنهن ڀومي کي ڌن ڌانيہ ۾ سمپن ڏسي
وديشين ڪاهون ڪيون
رت جون نديون وهايون
خوب لٽيو! خوب لٽيو!
حڪومت ڪئي شانت فضا ۾ زهر ملايو!
اسانجي تهذيب تمدن تي وار ڪيو!
تلوار جي ڌار تي ڌرم پريورتن ڪيو
صدين کان غلام صدما سهندا رهياسين،
ظالمن جي غلاميءَ مان مڪت ٿيڻ لئہ
ڪيڏيون نہ قربانيون ڪرڻيون پيون!
ڪن جان جون بازيون لڳايون،
تہ ڪن ترنگ جي تيرٿ ياترا ڪئي!

دوها

١٠) سياڻپ ملندي ڪين ڪي ڏاڍي رب سرڪار،
ڏڏن جو ڏاتار آ، ڏڏ تي تون تہ ڳذا

١١) زر زمين زن چڱي، پر جڳهڙي جو بنياد،
تن ۾ رکيو جن موهہ آ، سي تہ ٿيا برباد.

١٢) حسد ايرڪا مان ٿئي تن من جو نقصان،
دل ڪشادي رک سدا، تنهن ۾ تنهنجو شان.

١٣) پوڪڄ پوک پريم جي ملئي محبت موٽ،
محبت مينهن تہ وسائي، نينهن (سندا) ٿو

١٤) جنهن تي ڪرپا رام جي لڳي نہ ڪوسو واءُ
لهرنو لوڏا پل اچن، ڪٿي دنيا مان داءُ.

١٥) بلب ڪٿهن ٿو فيوز ٿي ڪنهن کي خبر ن آهہ،
ڪال ڪٿهن ڪڙڪي اچي، ڪنهنکي ٻي ڪل ناهہ.


١٦) اياڻن جو تہ الله آ، اياڻو ٿي تہ ڳذار،
سياڻپ ڪنهنجي نا هلي، داتا جي دربار

اسان پنهنجي پرمپرا،
پنهنجي سنسڪرتيءَ کي پلجي ويا آهيون!
جتي نارين جي پوڄا ٿيئي ٿي
اُتي ئي ديوتائن جو واسو آهه.
ڪن اہلائن کي جيئري جلايو وڃي ٿو!
تہ ڪن کي مجبورن آتم هتيا ڪرڻي ٿي پوي!
اہلائن سان اتياچار! چانديءَ جي چند ٽڪرن لاءِ!
ڪن جو ست لٽيو وڃي ٿو تہ ڪن جو سهاڳ لٽيو وڃي ٿو!
ناجائز حرڪتون! ڪئن پون برڪتون!
زوريءَ زبردستي بلاتڪار! هاهاڪار!!
ڇا هنن کي جيئڻ جو حق ڪين آهي!
هنن کي جيئڻ ڏيو!
رنگ برنگي دنيا جو لطف ماڻڻ ڏيو!
هن تعليم يا فتہ يڳ ۾
اڃا اها سماجڪ اسمانتا!
آرٿڪ اسمانتا اڃا ڪيسين!
ڪن جا ڪتا پيا ڪارن ۾ گهمن
تہ ڪي معصوم ٻچا پيا بک ۾ پاهہ ٿين!
اڃا ڪيسين! اڃا ڪيسين!
ڪي خون چوسين ٿا تہ خون وڪڻن ٿا!
پنهنجي ايال جي گذران لاءِ؟
ڪيترا تہ بيمارين جو بک ٿين ٿا!

ڪن کي برف جي نادين تي سمهاري
ڇمبوڪن سان ڇڙيو ويو!
ڪن کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڀوڳڻي پئي!
تہ ڪن کي ڪاٺي ۾ ريتي ملائي ڪارائي ويئي!
ڪي 'انقلاب زندہ آباد'' جئہ هند'
ڪي ڀارت ماتا جي جئہ' جا نعرا لڳائيندي
مشڪندي مشڪندي ڦاسيءَ جو هار پائي
ڀارت جي آزاديءَ لاءِ شهيد ٿيا!!
اسان اُنهن شهيدن-ديش ڀڳتن جي
قربانين کي ڀلجي، سوارٿ ساڌڻ ۾ پورا آهيون!
آزاد ڀارت جي وڏان ۾
سڀن کي جيئڻ جو سمان اڌڪار آهي.
پر ڪن کي جنم وٺڻ کان اڳہ ئي ختم ڪيو وڃي ٿو.
هڪ نياڻي سوَ برهمڻ
ريت ڌرم جي آهہ پُراڻي
پر ڪن ابهم نياڻين کي
گرڀ ۾ ئي نيپوڙيو وڃي ٿو
اُنهن کي سنسار ڏسڻ کان اڳہ ئي محروم رکيو وڃي ٿو!
پتن جي موهہ ۾
جنم وٺڻ کان اڳہ ئي گرڀ ۾
جنس مونث کي ختم ڪيو وڃي ٿو.
ڪيڏو نہ ناحق!

آزاد نظم

خواب ۾ باپو آيو!



خواب ۾ هڪ ڏينهن باپو آيو،
ڏسندي هڪدم سيس نوايو.
پڇيائين
’ڏي ڀارت جو حال احوال
هاڻ هوندو پڪ خوشحال!
سور سهي ڪيو ديش آزاد
هاڻ هوندو خوش آباد !
ڪيئن آهن منهنجا ٻيڙا ٻار؟
ڀارت جا سڀ نر ۽ نار؟
سرها هوندا هاڻ ڪسان!
چست هوندا ڀارت جا جوان
اهنسا سچ جو ٻج جو پوکيو.
ٿيو هوندو وڻ، ڇا تنهن موکيو؟
آزاديءَ لئه سور سٺاسي،
سختيون سهندي جيل ڀرياسي
ڪيڏا ڪونئر ڪسجي ويا !
ٿيو ورهاڱو، ملي آزادي
ڪي لٽجي ويا ڪي ڦرجي ويا!
ڇا سپنا منهنجا ٿيا ساڪار؟
سچي ڏي شاعر خبر چار.“


دو ائن کان محروم
تڙقي تڙقي ساهه ڏين ٿا!
کي چاهه هوندي به علم کان محروم!
او آتنڪوادي!
ڇو سانت قضا ۾ زهر ملايو؟
ڇو جيئڻ ڪريو ٿا دشوار!
پاڻ جيئو ۽ ٻين کي به جيئڻ ڏيو!
سڀ کي سک جو ساهه پٽڻ ڏيو!
ڌرم مذهب نالي ڪيڏا تڪرار!
گهر وارا ٿين ٿا بيگهر!
ڇو ٿا بمن جي برسات وسايو!
ڪن جا جلن ٿا جان جگر!
ڪن جا مرن ٿا ناحق ور!
ڇو سندر ڦلواريءَ کي شمشان بڻايو؟
پنهنجي اهم کي پورو ڪرڻ لاءِ
چوڌاري ٿا آگ لڳايو!
سڀ ڌرم ڏين پريم جو پيغام.
ڀارت جي رشين جي سکيا
سارو وشو آهڪ پريوار
جيئڻ جو هر ڪنهن کي اڌڪار.
’آشا‘ رشين جي سکيا هنڊايو!
اوهان جيئو! ٻين کي به جيئڻ ڏيو!
سڀ کي سک جو ساهه پٽڻ ڏيو!

ڪھڙو ٻڌايان مان احوال؟
ڪي ڪي آفيسر منتري تياڳي،
شاستريءَ جھڙا ڪي وئراڳي
اچي ڏي تن کي تون پيغام
خرچ گھٽايو، پئسا بچايو!
ملڪ مان مفلسي مٽايو،
آتنڪوادي پيا بم برسائن!
هند کي چمن کي آگ لڳائن!
خون جون نديون پيا وهائن !
سندر پيارت ديش اسانجو
تنھن کي ٿا شمشان بڻائن
وقت ورهاڱي قول ڪيائين
هي هوڏي، هوءُ هوڏي،
هرڪو سک جو ساھ پٽي
پر پاڙيسري ڪئونس ڪان ڪين هٽي
اچي باپو ڏي امن جو پيغام.
جو انن جو ڪھڙو حال ٻڌايان!
ڪاڻ پاڻ ويس وديشي!
گھٽي گھٽي ٿيا بيئر بار!
هنسا جو ٿا ڪاڏو ڪائن
ڪير جي بدلي بيئر پيئن ٿا.
ڪي ڊرنڪ ۾ شراب، ڪي ڊرگس پيئن ٿا!
مريادا جا ليڪا لنگھن ٿا!
بلاتڪار! هاهاڪار!!
ماءُ ڌيءُ جي ساڃھ ڪونهي!

لڙڪ لاڙيندي مون آکيو
”او گانڌيجي! او باپوجي!
ڪھڙو ڏيان توکي احوال
تنھنجي ڪن تا جئہ جئڪار!
پر وسري ويا تنھنجا ويچار!!
سياست ۾ سوارٿ آ جيسين
سکيو نہ ٿيندو ديش ڪو تيسين!
پنھنجن پراون خوب لٽيو آ!
ديش جي ڀڳتي آ پيٽ جي ڀڳتي!
اجا ھزارين پيٽ بکيا!
ننگا اُگھاڙا بنا اجھي، ڪين سُکيا!
يارتو اسين کي تو جاڳايو
ڪرم يوگ جو پاٺ پڙھايو.
فرض کان ھرڪو منھن موڙي ٿو،
حق لئہ ھرڪو سوڙ ڇڪي ٿو
قرباني ۽ تياڳ اُڏاميو!
ايمانداري ٿي اٽلي پيئي!
ھرڪو پيٽ ڀرڻ ٿو چاھي!
حال اوريندي شرم اچي ٿو
ڪھڙو توکي حال ٻڌايان!!
رکشڪ ڪي ڪي ٿي پيا ڀکشڪ
ديش جي دولت ڪيئن نہ لٽائن،
وديشي بئنڪن ۾ پيا لڪائن،
خرچ وڌائن! عيش اُڏائن!
قرض کٽي ٿيو ديش ڪنگال!

آزاد نظم

چونڊون



چونڊن جو ٻگل وڳو
ڏينڍر نڪري ٿيا نروار!
ٽان ٽان ٿي چوڏار!
ڪرسيءَ جي چڪر ۾
ڪٽڻ جي فڪر ۾!
ڪٿي خون ريزي
ڪٿي نوٽ ٿي ووٽ!!

ماءُ ڀيءُ جي پروام ڪونهي!
هرڪو ٿي پيو آ ڇڙواڳ !
تن جو ڪهڙو آئينده!
ياد نہ تن کي وير ڀڳتسنگهہ ۽ آزاد!
ويٺا جواني ڪن برباد !
ڀارت جو اتهاس پراٺو ڪين پڙهن ٿا !
فاهش فاهش فلمون ڏسن ٿا،
رشين منين جو گيان ويو وسري!
فاحش ڳالهيون تن لئہ مصري!
ڀارت جي پراچين سڀيتا
سنسڪرتي وساري ويٺا آهن
ڪن ڪائو پاپ راڳ ٿا ڳائن!
نپوسنڪ جي ٿيندا ماٺهو
ويرڏير ڪيئن پيدا ٿيندا!
ڪهڙو توکي حال ٻڌايان
شرم وچان ٿو ڪنڌ جهڪايان!
آءُ گانڌيجي وٺي اوتار!
ڪر تياڳ قرباني، اهنسا سچ جو پرچار
تہ ٿئي ڀارت جي جئہ جئڪار!
اچي ڪر رام راڄ جو سپنو ساڪار
’آشا‘ ڀارت جي ٿي جئہ جئڪار!!

آزاد نظم

ڏونگي



هرشچندر ته هرڪو سڏائي
جنتا ۾ ته پاڻ پڏائي
لڪي ڇپي پر وٺي لفافا
نشڪام شيوڪ پيو چوائي
پنهنجن پنهنجن کي ورسائي!
واهه! واهه اسانجو نيتا آهي!
جنتا کي ته ڪيئن نه ڀنيلائي!

آزاد نظم

سياست



سياست جي چڪر ويوهه ۾
جيڪي گهڙيا
سي جڪڙيا!
ڪن لڪ لتايا!
ڪن دنگ لتايا!
سياست هڪ گندي گيم!
ڪورون هارايو
پانڊون کٽيو
مهاڀارت جي لڙائي
تي ڪيڏي نه تباهي
ڪورو مري ويا!
پانڊو برف ۾ ڳري ويا!
نتيجو مائينس!

آزاد نظم

امانت

پرائي امانت
ڏرتي به نه ٻوهي
پر ڪوڀلا
ڪائي ڪپائي
جا واڪن ڏنا!
امانت ۾ خيانت ڪن ٿا!
پر رُڪ جا ڇٽا آنڌا ڦاڙين!
ڪنهن ڏينهن ڪين ڦاهيءَ چاڙهين!

آزاد نظم


پرجاتنتر



پرجاتنتر ۾
ڪُرسي-پد
موروثي حق ڪين ٿيندو آهي.
خودغرضيءَ جي ڪا حد ٿيندي آهي!
ديش ڀڳتيءَ جي هام هڻن ٿا
پيٽ ڀڳتيءَ جي ساک ڏين ٿا!
ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙا هڻن ٿا!
وديشي بئنڪن ۾ ڌن ميڙن ٿا
لوڪمانيہ تلڪ - مهاتما گانڌي
نيتا جي ويرساورڪر
جي آتما روئيندي هوندي!

آزاد نظم

اُڏئي! اُڏئي!



يتين کي
چتين کي
درن کي
درين کي
اُڏئي ٿي کائي!
ڪيتن کي
ڪتابن کي
اُڏئي ٿي کائي!
جاتيءَ کي
ديش کي
اُڏئي ٿي کائي!
آهي ڪو
جو ديش بچائي!
قوم جي ڪشتي پار لڳائي!

آزاد نظم

مست!



ڪي مال مست ڪي زال مست!
ڪي وٺن دنيا جي لست!
حڪم هلائن ٿياسي بالادست!
جي ڪاڻ ڪين ٿياسي زيردست!
ڪيڏا بک ۾ باهہ تين ٿا!
ڪي طعامن جي وٺن لذت!
ڪن لئہ جيوڻ امرت ميہ آ!
ڪن لئہ جيئڻ آ ذلت!
ڪي گهرن هوندي پي گهر ۾ ناهن!
ڪن پيا ملڪ جا سي گشت!
رنگ محل ۾ رهن امير!
هت ڪن جي حالت پست!
جان مال جو ڪن نقصان!
ڦهلائي چوڌاري دهشت!
ڪن ڪي تن من ڌن جي مستي!
الله لوڪ سدا المست!
عدو بہ آهي ادو اسانجو!
''آشا'' تي آ رب جي رحمت!

آزاد نظم



محبوب منٺار

مان توکي
اکين جي ڪئميرا ذريعي
چيتن من ۾ براجمان ڪيو آهي
جنهن مان نڪرڻ آ دشوار
توکي ڪريان ٿو ڪيڏو پيار
تنهنجو تصور ڏي روح کي راحت
جڏهن بہ تنهنجو نانءُ ٻڌان ٿو
هڪ دم ٿئي تنهنجو ديدار
محب منهنجا منٺار
توکي پايان حب جو هار
رکج نہ مونکي پاڻ کان ڌار
تنهنجي نينهن پري نهار
ڏي ٿي ڪيڏو سِڪون!


آزاد نظم

حاسد!

هر زمان
هر مڪان
هر زبان
حاسد
هاڃو رسائڻ جون رٿيون رٿن ٿا!
پهرين پاڻ جلن ٿا
پوءِ ٻين کي جلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.
پر
شاه لطيف سچ آکيو
”سر تي پڪي هيڪڙو پاريهري لک،
جنهن تي سائينءَ جي رک سوسر ۾ ڪهي سرهو.“

آزاد نظم


ڪُتا



ڪي رولو ڪتا،
ڪي پالتو ڪُتا،
ڪي پالتو ڪُتا ڪيڏا نہ وفادار!
ڪي ڪتا شونق وچان پالن
ڪي ڪتا جاسوسي ڪن
ڪي ڪتا مالڪ اڳيان پڇ لٽڪائن
چيتا ڪتا ڪيئن نہ چڪ ٿا پائن
ڪي چٽ چٽ ڪن
ڪي ڪي ماڻهو بہ اهڙا هوندا آهن.

آزاد نظم


وڏو ڪمپيوٽر



دماغ وڏو ڪمپيوٽر
جنهن ۾ لکين شخص
ننڍپڻ کان اڄ ڏينهن تائين
ڏٺل نظارا
يادگيريون - وارداتائون
قيد ٿيل آهن.
ڪمپيوٽر مان فلاپي اُڏامي ويندي آهي
ته سڀ ڪجهه ڊوپلجي ويندو
مگر دماغ جي ڪاميوٽر مان
ڪڏهن به فلاپي اُڏامي ڪين ويندي.

آزاد نظم

وشواس گھات



وشواس گھات،
مها پاپ!
جنهن ٿالهيءَ ۾ کائين،
تنهن ٿالهيءَ...
لوڀ لالچ خودغرضي،
سڀ ليکا ٿي لنگهائي،
سڏانت سڙي ويا!
آدرش اڏامي ويا!!


آزاد نظم

نارڪوٽيسٽ



نارڪوئيسٽ جو ڪيڏو نہ ڏپ!
ڪورٽ ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ آسان،
مگر نارڪوئيسٽ ذريعي،
لڪيل ڇپيل گُناھہ هڪدم ظاهر،
حقيقت جي پروڙ پوي ٿي!
اڳ چوندا هئا،
چور چُئيو وڃي ساڌ هٿجي وڃي!
پر ناڪوئيسٽ سچي ڪسوٽي آهي!
ڏوهيءَ جو ڏوهہ ثابت ڪري ٿي،
ڪيس سزاياب ڪري ٿي!

آزاد نظم



خط

منهنجا مٺا محبوب
تنهنجا سڪ ڀريا سنيها
خط
موتين جهڙا اکر
ماکيءَ کان مٺا
مصريءَ کان مٺا الفاظ
اکين تي چمندي
سانڍي رکيم ساهه سان.


مني ڪوتا

پٽ

ماءُ پيءُ پرلوڪ وڃن،
نورچشم متو ڪين ڪوڙائن،
بالاجيءَ وڃي.
نوڙها ٿين!

آزاد نظم

رشوت



رشوت جي پاڙ
پيپل ۽ ٻڙ جي وڻ جي،
پاڙ کان وڌيڪ پڪي پختي آهي!
وڻ ڪٽڻ سان وڻ وري سبز ٿيندو،
زير دست هجي،
يا
بالادست هجي،
سين جي ذات وئي آ هري!
وويڪ جي هستي وئي آ مري!
ڪوئي نہ سگهندو پٽي،
هي وڻ جڙ سوڌو!

آزاد نظم

شاعري


دل جي جذبات جو
سهڻي لباس ۾ اظهار،
ستيم شوم سندرم.
رس رواني فصاحت
جدت بلاغت سلاست
احساسن ارمانن جو عڪس
النڪارن جا زيور پهريل
خوب صورت
ڪري ٿي ڪيئن نه متاثر!

آزاد نظم

صورت-سيرت








نقلي ساڌن
پائوڊر
لپسٽڪ
ميڪپ
اصلي سونهن گھٽائن ٿا
اصليت ۾ ماڻهوءَ جي خوشبوءِ
نقل ڪرڻ ۾ آهي بدبوءِ
صورت سان گڏ سيرت سهڻي
ماڻهوءَ جو ملهه وڌائن ٿا.
ڪيئن نه قبول پئي نوري نماڻي!
ڄام تماچيءَ جي ٿي پٽ راڻي.

آزاد نظم



باھہ

باھہ !باھہ!
گھر گھر ۾ باھہ
وير وروڌ ڪروڌ
جي باھہ!
پاڙي ۾ شهر ۾
وئمنسيہ وروڌ
بغض جي باھہ!
ديش ۾ آتنڪ جي
باھہ!
ڪيڏا نہ راڪا ٿين ٿا!
آهي ڪو جو باھہ وسائي!
پريم جو پاڻي برسائي!
دليون ملائي،
شانتي جو سنديش سڻائي!

آزاد نظم





ريپ

ريپ ! ريپ!
نياڻين سان ڪيڏو آ ناحق،
ڏينهن ڏٺي جو
ماماڪرا بلاتڪار!!
ڪيڏا دشاسن آهن هاڻي!
ڇپ ڇو ڪرشن ويٺو آهي؟
اچي دروپدين جي لاج بچائي!
راوڻ کان بدتر ٿي ورتي!
آهي ڪو جو دشمن کي
ڦاسيءَ لٽڪائي!
ابلائن جي جان بچائي!!

آزاد نظم

رشتا






خود غرضيءَ جي ڪيپ سبب،
رشتن ۾ پيا ڏارا ڏارا
دلين ۾ پيا گهارا گهارا!
زندگيءَ جي ڪيتيءَ ۾،
ماڪڙ ڪيا وارا وارا!

آزاد نظم

ڪام ترشنا



ڪام ترشنا ڪيڏي نہ خطرناڪ آهي
ماڻهوءَ کي ترشنڪوءَ وانگر لٽڪائي
نہ رات ڏسي نہ ڏينهن ڏسي!
رشين منين کي ٿي ڀنيلائي،
پڪين پسن کي ٻيي ڀٽڪائي،
ٿي هوش حواس گنوائي!



آزاد نظم


وڪار

ڪام ڪيرائي،
ڪرود جلائي،
لوڀ لٽڪائي،
موهہ مارائي،
اهنڪار انتو ٻڏائي،
آخر مٽيءَ ملائي!

آزاد نظم


هر ڪيتر

هر ڪيتر ۾ دادا گيري!
هر ڪيتر ۾ چمچا گيري!
ڪن ٿا ڪيڏي هيرا ڦيري!
زر زمين لاءِ پائڻ پائڻ جو ويري
تن سوڙ پاڻ ڏانهن سيري!



آزاد نظم

هوندي هٿ نہ ڪپيو



زندگيءَ جي آخرين موڙ تي،
سڪرت جا ڪم ڪريو،
خوب نام ڇپيو،
پنهنجي هوندي پنهنجا هٿ نہ ڪپيو!
گهر گهر ۾ اورنگزيب!
شاهہ جهان کي
ذلت ڀري زندگي
گذارڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا!

اڄوڪو فائدو

هٿ ٺوڪيا
نامزد ڪري
پنهنجن کي ٿا ورسائن
حق وارن جا حق ٿا مارن
عام کي اُلو بڻائن!

آزاد نظم

ياراڻي

زندگيءَ جي ڏاڪڻ جا
اڻ ڏاڪا
طئہ ڪري چُڪا آهيون
پر اڃا ٻارن وانگر
راند يڪن تي ريجهي ٿا وڃون!
ڪيڏي نہ ٻاراڻي!
وساري واليءَ جي ياراڻي،
روح جي راحت اڃا ڪين ماڻي !



مني ڪوتائون

رت جا رشتا

خود غرضيءَ جي ڪيپ ۾
الفاظن جا ڳماوَ ڪيا !
رت جا رشتا وسري ويا

ڪاڳ



مور مري ويا
ويا هنس اڏامي
ڪانون جي ٿا ڪاڳ ڪيون !!



قرضدار

قرضدار
پهرين عرضدار
پوءِ ڏيکارين ڏينهن جا تارا !

مني ڪوتائون

ٻُڪي

تون ٻلي
پنهنجو مالدار شاندار
دڪان کول
پر
ٻي جي ٻُڪي نہ کار!

ڪوڪو آهي

واٽ ڪائي
۽ اڪ لڇائي
هاٽي اهڙو ڪوڪو آهي!

ڪتو



ڪتو ٻونڪي-ڏاڙهي،
ٽڪر ڏيوس سانت ٽي وڃي
ڪي ڪي ماڻهو بہ ائين!

پڪتي گيت

جڳت

هي جڳت مسافر خانو آ،
هت ڪنهنجو ڪين ٺڪاڻو آ.

١) هت جڏهن تو داٺو پاٺي ڪٺي،
تڏهن هرڪو هتان روانو آ.

٢) چڏي هرڪو پنهنجي ياد وڃي،
هيءَ جيون هڪ افسانو آ!

٣) ويا جن سان سال گذرياسي،
هت ڏينهن ٻن جو گذرانو آ!

٤) ڪو رنڪ هجي يا راجا هجي،
سڀ ڪال جو پروانو آ!

٥) ڪال ڪال جي ڪنهن کي ڪين پوي،
جيو مايا ۾ مستانو آ!

٦) اڄي موٽ تو ڪوئي روپ ڌري،
بس بيماري تہ بهانو آ! سچو 'آشا' نام خزانو!

پروفيسر رام پنجواڻي



ڊاڪٽر ديال آشا سنت ورتيءَ
وارو ساڃهه آهي.
سنتن جي سنگ ۾ هن گهڻو
وقت گهاريو آهي
۽ اُنهن جي سنگ ۾ ڪي
پرايو آهي. خلق خالق ۽
جنتا جناردن جو درشن
ڪرڻ هن پنهنجي جيون
جو اُديش بڻايو آهي.
سدائين اِهائي اَڀلاکا اٿس تہ
جيڪي پاڻ پسيو اٿم تنهن
جو اَحساس ٻين کي بہ ڪرايان.
هن جي زندگيءَ تي ٻن
مهان آتمائن جو وڏو اَثر
ٿيو ٿو ڏسجي.
ساڌو واسوانيءَ کان اُپاسنا
جو انگ جهٽيو اٿس تہ
سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
مان ڪرم ڪمائڻ جي پياس
پرائي اٿس. آشا پروفيسر آهي
تنهن ڪري هُو پنهنجي
ڪرتويہ بہ فرض ڌرم پالڻ
جو يتن ڪندو رهي ٿو،
جنهن لاءِ هُو ڌنيواد جو پاتر
آهي. پيارو ديال لالڻ جي لنو ۾
لڳو رهي.

پوجيم دادا جشن واسواڻي



پياري ڊاڪٽر ديال آشا ڪيترائي پستڪ لکيا آهن. مون کي عجب لڳندو آهي تہ هرروز ڪيترا ڪلاڪ دکين دردن جي شيوا ۾ خرچ ڪندي، مي پيارو ڪتان وقت آٽي تو جو اهڙا سندر پستڪ، اوُنهن ويچارن سان پريل، تيار ڪري تو. ڪيترن سنتن ڀڳتن جا جيون چرتر لکيا اَٿائين. ڪيترا پُرسڪار کِيس مليا آهن. پر پاڻ ڪهڙو نہ نماٽو آهي. ودوان آهي پر کيس وديا جو ايمان ڪين آهي. نئڙت ۽ نياز جي تصوير آهي. کيس سنتن ستپرڪن، پريوءَ جي پيارن لاءِ عجيب شرڌا آهي. اَپياسي انسان آهي. سادگي ۽ ساڌنا جي جيون رهندو آهي.

پَيارو پريو پنهنجي مهر ۾ مون کي دنيا جي جُدا جُدا ملڪن ۾ وٺي مليو آهي. جدا جدا قسمن جي ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ جو وجهہ مليو آهي. مان سچ سان بنا ڪنهن وڌاءَ سان چئي سگهان ٿو تہ ڊاڪٽر ديال آشا هڪ لاثاني انسان آهي. سندس هردي اندر هري نام لاءِ بُکہ آهي. پريوءَ لاءِ عظيم پيارَ آهي ۽ دکين دردن، غريبن مسڪينن ۽ ورڌ اوستا وارن واسطي همدردي آهي.

پياري ڊاڪٽر ديال آشا جي پيار ۽ شيوا ڀري زندگيءَ جو هڪ ئي پيغام آهي :- جي سُکي ٿيڻ چاهيو تہ ٻين کي سُکي ڪريو. سندس رڳہ رڳہ ۾، رَت جي هِڪ هڪ ڦڙي ۾ غريبن واسطي پيار سمايل آهي. سندس چرنن ۾ مان سِر نمايَان ٿو ۽ ڀڳل سنتي پنگت واسطي آسيس پنان ٿو.

ٺل پيارو پريو کيس سالم صحت ۽ وڏي آورجا بخشي، جئن پنهنجا ڪلياڻڪاري ڪاريہ ڪندو رهي.



شاعر ڊاڪٽر ديال 'آشا' ۽ سندس
سداحيات ڌرمپتني شريمتي لاجونتي ڏاميجا
جنهنجي سات سان جيون جا سهڻا، عمدا ۽
يادگار پل هميشہ ياد رهندا...